ABC
CERTIFIED

# مِهراڻ

نمبر ۴/ ۱۹۹۶ع

(آڪٽوبر- ڊسمبر ۱۹۹۶ع)



سنڌي ادبي بورڊ

وڏي وَٽ هئا، ٻاروچا ٻنيور ۾
(لطيف)



## قاضي عبدالمجيد "عابد"

ولادت
٢- مارچ ١٩١٥ع

وفات
٢٧- آگسٽ ١٩٩٦ع

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي دستاويز]

جلد ۴۵] آڪٽوبر - ڊسمبر ۱۹۹۶ع [نمبر ۴

نگران

حسين شاهه راشدي

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سب ايڊيٽر

طارق عالم

سهڪاري ڪارڪن

رفيق جمالي

P-22248
13.1.98

## سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# مهراڻ


سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

(Regd. No. NS-20)

The "MEHRAN', Quarterly
Vol:45, No.4, Year:1996
(Established in 1955)


An age old leading journal of scholarship in Sindhi Language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.

Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi Literature.

Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Education, Music, Folklore, Archaeology, Numismatics, Lexicography and General Culture of Sindh are the main topics of material usually published in this periodical.

Besides translations of World literature are also presented.


Correspondence about publication be addressed to:
Editor:
"Mehran" Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro (Post Code: 76070)
Via: Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone:(0221) 771276-771300

For Subscription please contact:
Manager Book Stall
Sindhi Adabi Board
Tilak Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Telephone:(0221) 615179



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.



مواد موڪلڻ لاءِ
ايڊيٽر
"مهراڻ" ٽماهي
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ
(پوسٽ ڪوڊ ٧٦٠٧٠)
فون نمبر: ٧٧١٢٧٦

خريداريءَ لاءِ لکپڙهه
مئنيجر بڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي،
حيدرآباد، سنڌ
فون نمبر: ٦١٥١٧٩

ساليانو چندو: ١٥٠-٠٠ رپيا

في پرچو: ٤٠-٠٠ رپيا

(نوٽ: خريدارن کي ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلڻ لاءِ ساليانو چندو چار سؤ رپيا)

Printed and Published by Nafees Ahmed Shaikh
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, JAMSHORO, Sindh.
(Composing Supervised by Siraj Ahmed Gupchani and printing Supervised by Syed Sikander Ali Shah)

# گذارش

## ڪجاڙو ڪهان

مهران جو هي؛ پرچو 1996ع ڪي آخري سلام آهي. پيڪوڙيل چپن ۽ درد جي شدت سبب نيڻ سڀني ۾ پرچي آيل لڙڪ موتين جو روڪيل الوداعي سلام، جنهن ۾ اسان جا جهڪيل ڪنڌ ۽ ڪڇيل ٻانهن جون لرزندڙ آڱريون به شامل آهن.

الوداع...

الوداع اي 1996ع جا ٽڪل گام سورج. اڄ جڏهن تون پنهنجو سمورو ٻلُ وڃائي چڪو آهين تہ توکي اُها سرد رات بہ ياد اچي وني هوندي، جنهن رات اسان پنهنجي حال سارو ٻاٽ ڪي انت تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجن نيڻن ۾ اوجاڳن جا ديپ جلائي.

تنهنجو آڌر ڀاءُ ڪيو هو. پر تو صلي ۾ اسان کي ڇا ڏنو ۽ ورتو ڇاڇا...؟ ذهن ۾ اکٽ سوال. ڏندن وچ ۾ زخمي ٿيل زبان ۽ نيٽن ۾ پَڇي پُري پيل اُميدن. آسرن ۽ چاهتن جا آنينا. جنهن جي هر ذري ۾ تون پاڻ کي ڇڳي پَرَ ڏسي بہ سگهين ٿو تہ محسوس بہ ڪري سگهين ٿو.

ڪهڙا نہ اُملهہ مانڪ تو اسان کان کسي ورتا.

ڪو هڪ گهاءُ هجي تہ سهي وڃجي. ڪو هڪ درد هجي تہ وساري ڇڏجي. هتي تہ سمورا سينا گلاب گهاون سان مهڪيل آهن ۽ درد آهن جو ساموندي لهرن جيئن ختم ٿيڻ جو نانءُ ني نٿا وٺن.

سائين قاضي عبدالمجيد عابد!

سائين امير علي چانڊيو!

سائين فيروز گل!...

۽ ان کان بہ اڳتي ڪيترن ني ٻين بہ احترام لائق نالن جي جيءُ جهوريندڙ فهرست.

شايد انهن اُملهہ انسانن لاءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي فرمايو آهي:

مــون سـي ڏنــا مــاءُ، جـنـين ڏنــو پـريـنءُ کـي،
تـنـين سـنـدي ڪـاءِ، ڪـري نـہ سـگـهـان ڳـالـهـڙي.

## مرحوم قاضي عبدالمجيد عابد

سنڌي صحافت، ادب ۽ سياست جو قابل احترام نانءُ! هيري جيئن جنهن جي شخصيت جا ڪيترائي مَنَ ۾ پيهي وينڌڙ روپ هئا. پاڻ جڏهن وفاقي وزارت جي ڪرسيءَ تي ويٺا تڏهن بہ انسان دوست ۽ غريب پرور رهيا پر جي وزارت جي ڪرسيءَ کان الڳ رهيا ٻوءِ بہ سندن زندگي جو نصب العين انسانيت جي خدمت ۽ خدا ترسي ني رهيو.

پنهنجي ادبي ۽ صحافتي زندگيءَ ۾ پاڻ ناميارا اديب ني نہ پر جڳ ڀڏرا صحافي بہ هئا. جن قلم جي ٻورهيي ۾ هميشه اٿمني خوشي محسوس ڪني. ان ڏس ۾ سندن هميشه ياد رکڻ جهڙن ڪارنامن مان هڪ "عبرت" اخبار بہ آهي، جنهن جي شروع ٿيڻ سان سنڌي اخبار نويسي کي نئون رخ مليو.

عبرت اخبار ۾ لکيل سندن ڪالم، صحافتي دنيا ۾ اهم مقام رکن ٿا.

ادبي حوالي سان "سفر يورپ جي ڊائري" يورپ جو سفرنامو آهي. انوکي اسلوب ۾ لکيل هي سفرنامو. هن وقت تائين لکيل سفرنامن ۾ پنهنجو مَٽُ پاڻ آهي. مرحوم قاضي عبدالمجيد عابد اسان کان 27 آگسٽ تي وڇڙي ويا. سندن وفات تي هر علم دوست ۽ ادب پرور انسان جي دل درد سان پرچي وني ۽ نيڻ لڙڪن جو آماجگاهہ بڻجي پيا. ڪنول جهڙي اُجري من رکندڙ شفيق انسان جي وفات تي ادارو مهران سنڌس پونئرن جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهي.

## مرحوم امير علي چانڊيو

جيئن فقط ساهہ کڻڻ، سمهڻ، جاڳڻ ۽ کائڻ جو نانءُ هجي ها تہ هي شاعر، هي اديب، هي فلاسافر، هي سائنسدان، هي مصور ۽ راڳي، هي موسيقار ۽ انقلابي جنم نہ وٺن ها. اصل زندگي ساهہ کڻڻ کان بہ ڪجهہ اڳــي، ڪجهہ مٿي، ڪجهہ مختلف آهي.

## سٽاءُ

## ★ شاعري


| | |
|---|---|
| شمشير الحيدري/ ولي سروري | ٣ |
| محسن ڪڪڙاڻي | ۴ |
| غلام حسين رنگريز | ۵ |
| تاج بلوچ/ اياز گل | ٦ |
| ادل سومرو | ٧ |
| حسن درس | ٨ |
| بخشڻ مهراڻوي | ١٠ |
| مظهر لغاري | ١١ |
| وسيم سومرو/ انب گوپانگ | ١٢ |
| ضمير ڦل/ ايوب ڪوسو | ١٣ |
| مصطفيٰ ارباب | ١۴ |
| عبيد راشدي | ١۵ |
| نياز ملاح/ ياڪب لاڪو/ مرليڌر | ١٦ |
| سيف بخاري تنها/ اسلم چنہ/ حبدار سولنگي | ١٧ |
| نڪانور پارا ـ سنڌيڪار ارشاد ڪاظمي | ١٨ |
| جپاني هائيڪو ـ سنڌيڪار رضيہ طارق | ٢٠ |


## ★ مقالا


| | | |
|---|---|---|
| ١. روحل فقير جو هندي ڪلام | ـ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي | ٢٣ |
| ٢. جديد سنڌي شاعري | ـ ڊاڪٽر فهميده حسين | ٣٣ |
| ٣. مغربي فنِ مصوري جي مختصر تاريخ | ـ ڊاڪٽر محمد علي پٺاڻ | ۴١ |
| ۴. ٽڙ جا ڏوهيڙا | ـ حاجي محمد ڪنير | ٦٠ |
| ۵. سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ شاعري، مختصر جائزو | ـ اياز گُل | ٧١ |


## ★ ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ١. مس گرين | ـ انيس انصاري | ٧٩ |
| ٢. گلدستي مان ڇڄي ويل گُل | ـ لياقت رضوي | ٨۵ |
| ٣. اڌورو ڊائلاگ | ـ قاضي اياز مهيسر | ٩٢ |
| ۴. سوڙهي ڌرتي | ـ عزيز ڪنگراڻي | ٩٧ |
| ۵. صحرا جو چنڊ سهڻو آهي | ـ سليم چنا | ١٠۵ |
| ٦. اڪيون جنين آسري | ـ عبدالله ملاح | ١٠٨ |
| ٧. سن سنيٽ بوليوارڊ | ـ گلزار<br>ـ سنڌيڪار: نصير ڪنڀر | ١١١ |
| ٨. سُريت | ـ روشي چين<br>ـ سنڌيڪار: يوسف سنڌي | ١١۴ |

## ★ ڪالم


| | | |
|---|---|---|
| ●- خواب، خوشبو، چوکري | ـ تنوير جوڻيجو | ١٣٠ |
| ●- تولڻ تکيندي ڏينا اُجهاڻا | ـ حميد سنڌي | ١٣٤ |
| ●- پٽر ۽ پٽريون | ـ مراد علي مرزا | ١٣٨ |
| ●- مان صدين تائين ڳائيندس | ـ تنوير عباسي | ١٥١ |
| ●- مور اُڏاڻو مور | ـ نصير مرزا | ١٦٠ |
| ●- مائي غلام فاطمه "لال" | ـ اختر درگاهي | ١٩٠ |
| ●- راولپنڊي جي هڪ روح پرور رات | ـ محمد امين کوسو | ١٩٥ |
| ●- شاهه جو رسالو | ـ محمد پنهل ڏهر | ١٩٨ |
| ●- سنڌي ادب | ـ امام راشدي | ١٩٩ |
| ●- ليٽرس ٽو ايميلي | ـ ولي رام ولڀ | ٢٠١ |
| ●- هر سُر اُداس هوندو | ـ محمود مغل | ٢٠٣ |
| ●- جادو لاٿي ويم جيءَ ۾ | مهتاب علي، شاهه | ٢٠٦ |






# شاعري

مان پڃري جو در کولي توکي آزاد ڪيان ٿو اي پرندا!
اڄ کان تون آزاد آهين ۽ ايترو اُڏري سگهين ٿو،
جيترو تنهنجن پَرن ۾ سگهه آهي.
مان هن پڃري جون تيليون ڀڃي پوري ڇڏيان ٿو
تنهنجا پَر ڦهرين پڙڪي سان چون ٿا 'آزادي'
ايتري آزادي جيتري هوا کي آهي جنهن کي ڪنهن
جار ۾ ڦاسائي نه سگهبو آهي،
جا املتاس جي وڻ ۾ سنگيت پيدا ڪري رهي
آهي،
ايتري آزادي جا سَرهه کي آهي جو هو پهاڙ جي
وڏن پٿرن تان ڇلانگ ڏيندو ويندو آهي،
جيتري اُنهن پکين کي هوندي آهي جي هزارين ميل
سفر ڪري منڇر کي ڳولي لهندا آهن ۽ منڇر جون
لهرون اُنهن جي پرواز سان ريس ڪنديون آهن،
ايتري آزادي جيتري ستار جي سُر کي هوندي آهي
جنهن کي ستارا جهپي وٺندا آهن،
ايتري آزادي جيتري نديءَ کي هوندي آهي جا
ڪنهن وقت به ساڳي جاءِ تي نه هوندي آهي ۽ هير
جي هندوري ۾ جهوٽا کائيندي ويندي آهي.
اُڏار جي آزادي،
هوا جي وهڪري ۾ ترڻ جي آزادي،
پهاڙ جي چوٽيءَ تي پهچي هر پٿر سان راند روند
جي آزادي.
مان تنهنجا سڀ روڙا هٽائي ٿو ڇڏيان،
تون آزاد آهين منهنجا گيت
جنهن تير ڪمان مان نڪري پٺ تي نه موٽندو آهي،
توکي تيز رفتاريءَ سان پرواز جي اڻ موٽ آزادي
آهي.

– شيخ اياز

شمشير الحيدري

## غزل

دروازو کُليل آهي، من کوني اچي نکري،
سڀ لوک سُمهيل آهي، من کوني اچي نکري.

• چندِ رات چِٽي آهي، ککريون بہ وَسي هليون،
هر بات بٽيل آهي، من کوني اچي نکري.

• ڀن کڙکيو هوا تي کو، يا سانت ڀريو سُڏکو،
کو روح رُليل آهي، من کوني اچي نکري.

• سڀ پيار کري چُکتو، ڀُوريوسين سپني پوٽيون،
دل ڀو بہ اڙيل آهي، من کوني اچي نکري.

• دل خام خياليءَ ۾، اکين کي ڏتاري ڀني،
هيءَ اِن تي هريل آهي، من کوني اچي نکري.

• هن وقت جي پيالي ۾، مٺ ڀنهنجي حياتيءَ جو،
باقي کو بچيل آهي، من کوني اچي نکري.

• هن برهه جي بستيءَ ۾، "شمشير" جيهو جوڳي،
کجهہ ڏينهن ٽِکيل آهي، من کوني اچي نکري.

✤

ولي سروري

## غزل

گذرٽي جنيش بہ آهي تنش گذر ٿني ٿي
بسا اوقات مشکل ساڻ بسر ٿني ٿي

صدي هرکا خوشيءَ جي مختصر ٿني ٿي
گهڙي مشکل جي ليکن طول تر ٿني ٿي

کرشمون آهي خاموشي سڀ جوني
صدف ۾ بوند پاڻيءَ جي گُهرَ ٿني ٿي

وجود گل ٿٿو بلکل رهي باقي
جڏهن خوشبو فضا ۾ منتشر ٿني ٿي

چڱاني چنن ڏينهن بعد مس بُڏبي
بُراني کيڏو جلد ني مشتهر ٿني ٿي

کجي ٿي صاف ڌوني ڌوپ ڏني جا دل
اهاني ماهرو جو رهگذر ٿني ٿي

کجي کيڏو بہ صبرو ضبط ومي نوشي
دل حساس اثر انداز پر ٿني ٿي

چراغ دل نخون دل کجي روشن
شب يلدا جي نوراني سحر ٿني ٿي

ٺڙيءَ کان لاهي جيکو ٿو وٽيون وهہ جون
کني کاري انهيءَ تي بي اثر ٿني ٿي

کجي دست طلب ليکن وسلي سان
ولي کوشش تڏهن کا کارگر ٿني ٿي

✤

محسن ڪَڪِڙائي

# غزل

هي رُڪوع ۽ قيامُ نيٺ جا،
سڀ سنيها، سلامُ نيٺ جا.

ڪنهن شهنشاهه کي مَچن ني ٿا،
جيڪي آهن غلامُ نيٺ جا.

ساري دنيا جي مَرتبن کان مٿي،
درد وارن لئه دامُ نيٺ جا.

اَک ڏِنا مُنهن تي آسَ جا پاچا،
دل پَڙهيا پِني پيامُ نيٺ جا.

برف جي باهه ۾ بَريو ٿي بُت،
حُسن آڇيا حمامُ نيٺ جا.

هانءَ جو نارُ، مَستيون مَن جون،
هي به آهن ڪمامُ نيٺ جا.

ڪجهه نه چوندي به سڀ چَئي ٿا وڃن،
ڳُجهه - ڳُجهاندر نظامُ نيٺ جا.

ڪنهن به پِي شئي جي لوڙَ ني نه پوي،
جي مِلن جامُ، جامُ نيٺ جا.

زندگي، نُور ۽ سُرور، سَپني،
پيارُ نيٺ جا، نامُ نيٺ جا.

اَڻ - مَيا، اَڻ - ڳڻيا، رکيا "محسن"،
پاڻ وٽ احترامُ نيٺ جا.

✤

غلام حسين رنگريز

# غزل

نظر نظر نفرتون ڏنيونسي،
اکين بہ ڪيڏا عذاب پوڳيا.

لهو لهو آگريون اُهي جن،
محبتن جا گلاب پوکيا.

اوهان جي شهر پناهہ ۾ جانان
فقير دل کي اُجها بہ ڳوليا.

ڪکن پنن جيئن ڳلي ڳلي ۾،
هَوا اسان جا ها خوابَ رولِيا.

هِي خون دل جو خطيب! آهي،
اوهان جو آهن شرابَ روکيا.

گناهگارن جي درختِ دل،
ڏسو نہ ڪيڏ ثواب بوکيا!

مان آرسيءَ ۾ عجب نشاني،
وجودَ ايڏا اعتابَ پوڳيا.

✣

غلام حسين رنگريز

# نظم

شام لهي ٿي ڪينجهر تي
۽ سارا پنڇي آکيرن ڏي اُڏرن ٿا،
ٽاريءَ ٽاريءَ ٽڪ پچن ٿا:
ڏور شفق ۾ گهوري گهوري،
ڪوني ڪويل سپنو ڳوليان ٿو،
۽ پنهنجا ڦٽ ڦلوريان ٿو.
آهي اُماوس ڪينجهر تي پر،
جهرمر جهرمر تارا چمڪن ٿا،
نوريءَ جا جڻ نيڻ لڳن ٿا،
دور بتيلي ۾ ڪو ڏينو ٽمڪي ٿو
۽ ويڳاڻو من،
وڪريل آسون ميڙي،
ڪنڌيءَ کي بہ تڪي ٿو
ڪوني بتيلو، ڪوني بتيلو!
ڪوني بتيلو، ڪوني بتيلو!؟

✣

تاج بلوچ

## غزل

جيت چانڊوڪيون سرخرو ٿينديون،
گل - پريون جڏهين روبرو ٿينديون.

پوريتن جي اڌام تان صدقي!!
چاهتون پاڻ جستجو ٿينديون.

عڪس ڍهندا ۽ نهندا لفظن جا،
سونهن ۽ مرڪ واهرو ٿينديون.

چند بي ربط وصل جون رانيون،
ورهه منهنجي جي آبرو ٿينديون.

آءٌ تنها ۽ دربدر، منظور،
تنهنجون رسوايون چار سو ٿينديون.

تنهنجي چوڙين جون سڏڪندڙ مُرڪون،
منهنجي چاهت جي آرزو ٿينديون.

ڦڪيون چانڊوڪيون، زرد چهرن جون،
تاج ڪڏهين نه ماهرو ٿينديون:

✤

اَياز گل

## غزل

مَنَ ۾ ڪو مهمانُ ضروري آ پيارا!
دردن جو درمانُ ضروري آ پيارا!

دل روني پر مُرڪَ چَپن تي رکڻي آ
دُشمنَ تي دهمانُ ضروري آ پيارا!

هوريان هوريان هُن کان دُور هليو وڃبو
سُورن جو سامانُ ضروري آ پيارا!

بيشڪ سارا رُوپ رکو پل ماڻهوءَ جا
اَندر ۾ انسانُ ضروري آ پيارا!

ڪڏهن لِڪائي رکجي پيارُ زماني کان
ڪڏهن اهو اعلانُ ضروري آ پيارا!

چاڻان ٿو مشڪل آ، ڳڙجڻ ۽ پرچڻ
رکجي پر اِمڪانُ ضروري آ پيارا!

دردَ، دلاسا، اُلڪا، آسون سانديڻ لئہ
دِل جهڙو گُلدانُ ضروري آ پيارا!

✤

ادل سومرو

# غزل

مان ڪڪر جو روپ ڌاري ٿو اچان
يا تہ هي سورج نئي ناري ٿو اچان

نيڻ منهنجا ٿي ويا هِن پاڪُ جو
هُن جي چهري کي نهاري ٿو اچان

توسان گڏجڻ جو بهانو جيئڻ ملي
ڪجهہ نہ ڪجهہ تو وٽ وساري ٿو اچان

ريشمي ڪنهن خواب جان مونکي لڳيون
جي گهڙيون تو وٽ گذاري ٿو اچان

دوستو! ڪجهہ ٿمڪ آندا هِن اوهان لئہ
درد سڀ گهر ۾ سمداري ٿو اچان

زندگيءَ جي هِن تڪي طوفانَ ۾
پيار کي هُن پَرِ اُڪاري ٿو اچان

ڪو وسيلو ناهي منهنجو تو سِوا
سونهن تُنهنجي تي سهاري ٿو اچان

ڪنهن بہ مون کان نانءُ جي آهي پُڇيو
نانءُ تُنهنجو ئي اُچاري ٿو اچان

هر مصيبت ۾ سدا منهنجا پرين!
مان فقط توکي پڪاري ٿو اچان

ڪهڙي رستي کان اچين ناهي خبر
گُلَ مان هر هنڌ پٿاري ٿو اچان.

★

ادل سومرو

# بيت

منهنجي اندر ۾ جڻ، لهرون نچن ٿيون
ڊوڙيو اچن ٿيون، يادون پيڙين وانگيان.

پهچي پرينءَ گهاٽ تي، اکيون پوريائين
۽ پوءِ ڏنائين، ساڏ پيلي ۾ سانوري.

راتِ رُناسين پَاڻ، ٻاهرِ وٺو مينهن
ڏينهن ٿيو تہ نينهن، پٽرو ٿي پيو پنهنجو.

وُڪري ويسُ آنءُ، توکي ڳوليندي
تنهنجو منهنجو نانءُ، ملي ويا پاڻَ ۾.

ڏيهاڙي ٿا ڪيترا، مون ڏي خط اچن
اکيون پر ڳولن، تُنهنجي تي تحرير کي.

ڪيڏو پنڌ ڪيو آهي، گڏجي توسان مون
پوءِ بہ ساڳيو نون، ڇو مون لئہ آن اوپرو.

اکيون ٿيون پٿر، ڏسندي تُنهنجي واٽ
گهاٽَ گهاٽَ تي لاٽَ، پيارَ پکيڙي روشني.

خوابن جي مندر ۾، تنهنجو بُت رکيل
منهنجو ڪنڌ جُهڪيل، تُنهنجن پيرن تي پرين.

سُونهن سراسرِ سچُ، جي تون سمجهين ٿو
پوءِ تہ اوري اچُ، ڪهڙو پيارُ پري جو.

جي تون سمجهين ٿو، سونهن سراسر سگهہ
پوءِ اُنهيءَ جا اگهہ، ڪٿينہ ڪهڙي ڳالهہ ڪان!

✺

حسن درس

## سُورجُ پَرن پويان لڙي ٿو پيو...

پکي پرديس جا، سورج پرن پويان لڙي ٿو پيو،
'ورڙ' اُن وات تي ويٺل اکيان جت رڻ رڙي ٿو پيو.

لڳي ونئي لاڙ سان آ لنئون، اوهان کي ڇا پلا پيو ڇئون،
اسان کي عشق ساربن جينن چندي ڦوڪي چڙي ٿو پيو.

عمر جي آگريـن مان ڏسُ ڦلن وانگي ڇڻون ٿا پيا،
سڄڻ سگريٽ سستي جيئن سڄو ماٺو سڙي ٿو پيو.

پُراڻي عشق پوڙهي جي وڃت تڙ ڦُوڪ مان نڪتي،
ملڻ هي 'مير محمد' جو جوانين کي جُڙي ٿو پيو.

اوهان مُرڪي ملي آخر هليا ويا شهر پنهنجي ڏي،
اسان جي ڳالهہ جي ڳُلَ تان اجا ڳوڙهو ڳڙي ٿو پيو.

وطن ۾ بي وطن معشوق عاشق جو ملڻ ڪهڙو،
زمانو زور تي تَڙَ تان تماچين ٽي تڙي ٿو پيو.

✶

حسن درس

## هڪ دوست جي شعر جو جواب

'پريميو ڪولهيءَ' کان پڇندين تہ توکي هو ٻڌائيندو،
اکيون ڪهڙيون، پرين ڪهڙا، سڄڻ دل جو ڇڪڻ ڪهڙو.

سيارو ڦوهہ جواني ۾، نہ تو سوچيو تہ ڪيئن لڪجي،
پيالو پُر، اکيون ڇلڪن، اسان جو پيو سِڪڻ ڪهڙو.

سِٽون اُڌرن، اٿن ڏرڪن، وڄن ٿيون ساز وانگي جي،
لڄارا لفظ دامن ۾ پلا تن کان لِکڻ ڪهڙو.

✶

حسن درس

## تو گهايل گَهر ڏٺا ناهن...

هنيلا هرڻ ٻاٽيءَ مان پيئن ٿا سج جا ڪرڻا،
جيئڻ جي لاءِ اجا ڪنين جرڪندڙ جر ڏٺا ناهن.

سُکهڙ جي سِٽ ۾ سوگهي حياتي جي حقيقت آ،
اجا اُنَ ديد تنهنجي سَپُ دُنارا در ڏٺا ناهن.

ٻري کان پاڻياري جي ٻَڙي ۽ گجَ جا گُلڙا،
گهڙي جي ني رکڻ لاءِ ٻرَ، تو گهايل گهر ڏٺا ناهن.

ننگر جون نينگريون ناسي، جبل جو رنگ ڪارو آ،
مصور، مور ناچوءَ جا مڙئي منظر ڏٺا ناهن.

✶

حسن درس

مان وچايان، تون نہ ويهين، ڇو نہ پو ويڙهي ڇڏيان،
زندگي پلي اهڙي، ٽُڪَ تي رلي، جهڙي.

✶

حسن درس

## هي شعر، گهرَ مٽيءَ جا

هڪ ڏيک يادگيري، هڪ شام جو تصور،
ڪرندڙ گلاب آهي هڪ نام جو تصور.

ڪلندي خُمار جيڪي ڪيڪار ڪن خيالي،
ملندو اُنهن اکين مان آ جام جو تصور.

مُرڪي ملڻ جو ماٺو، ڪلندي روئڻ جو ڪتڪو،
آغاز جو انديشو، انجام جو تصور.

نيري نهار تائين آهي لڪيو پيو چڻ،
پجري سندو پکيءَ لاءِ ڪنهن دام جو تصور.

هي شعر، گهر مٽيءَ جا ۽ ديس دونهن جهڙو،
منظر اُداس، عورت ۽ گام جو تصور.

✶

## بخشڻ مهراڻوي

### آءُ تو کان سواءِ

آءُ تو کان سواءِ،

ائين خالي ٿي ويو آهيان،

جيئن سناٽا!

آوازن کان خالي ٿي ويندا آهن،

جيئن ٽاريون،

پکين کان خالي ٿي ونديون آهن

جيئن اکيون،

خوابن کان خالي ٿي ونديون آهن،

جيئن گهر،

ماڻهن کان خالي ٿي ويندا آهن

جيئن آسمان،

چنڊ تارن کان خالي ٿي ويندو آهي،

جيئن وجود پساهن کان خالي ٿي ويندو آهي

*

## بخشڻ مهراڻوي

### جنهن لاءِ اکين ۾ انتظار جي موسم..

جنهن لاءِ
اکين ۾ انتظار جي موسم ٽڪيل آهي
جنهن لاءِ
سموريون انائون قتل ڪري ڇڏيون سگهجن
جنهن لاءِ
پنڌ ڪري ٿو سگهجي،
زندگي جي آخري اسٽيشن تائين.
جنهن لاءِ
خاموشيءَ کي
گفتگو جا گلاس پياري ٿا سگهجن،
جنهن لاءِ
دريءَ ۾ ڏينا جاڳن ٿا،
جنهن لاءِ
ڳولا جي خيال کان
پولارن جي تلاش وٺي ٿي سگهجي،
ها فقط تنهن لاءِ،
جا ان جي ڪٿي به نه هئڻ جو ڏک،
يا ان جي وڃائجي وڃڻ جا سمورا سڏڪا،
اکرن ۾ اوتي سگهجن ٿا!!؟؟

*

وسيم سومرو

## ٻه آزاد نظم

### نم - چنبيليءَ کي ڏسڻ سان،

ياد ٿيون مون کي اڄ،
هُو سانوريون-
سانوريون: جن جي ڪن ۾،
ڇا ته جهومڪ ٻي جُهليا
نم - چنبيليءَ جي ڏگهين لامن ۾
جيئن ٿا:
گل جُهلن ايرنگ ٿي-

•

### ٻهر جو وڻ،

ٻار ٿو پوکي اڱڻ تي،
ٻار کي هيءَ سُڌِ ڪٿي آ؟
ٻهر جي ساواڻ پويان،
ڪو، ڪنڊن جو راڄ آهي،
ٻهر جو وڻ،
ٻار ٿو پوکي اڱڻ تي-

✸

انب گوپانگ

## بيت

مُرڪي محبوبن، جڏهن پڇيو حال،
لٿا مرض ملال، جرڪي پيو جيئڙو.

تون منزل نون ماڳ، آءٌ مسافر سيرين،
جيڪر ڪريين جاڳ، ته ڪُٺن پنڌ پهاڙ جا.

ٻهر ڪارو ڪوئلو، اندر ميهو ڪير،
سازينئي شڪ شرير، دل ٻڻ دونهاٽي ڇڏيني.

تو بن منهنجا سپرين، گهڙي گهڙيءَ گهاءُ،
منهنجي اڱڻ آءُ، کُلن دريون دل جون.

ڳالهيون ڳُڻ سنڌ، رُڃن ۾ رفيق،
لڪني ڪي ليڪ، جي اچين، تان اچي وڃي.

تو بن منهنجا سپرين، مُندون سڀ مانام،
لاري، ڪهين لام، لانئين ته لالَ ٿيان.

تو من منهنجا سپرين، جيئن ڪو ڇٽيل ٻنُ،
سُڻ او ساڄن، توريءَ تن من اوپرو.

جي مان رُلي رڻ ۾، راتو ڏينهن رڙان،
سورن منجهه سڙان، ته به اکر نه اُڪلي اُبتو.

ٻاروني وسي مينهن، ته ٻڻ ٿَرُ ٽڪجي!
اسان ٻلا ڪينن، ڊاپون هڪڙي ڊُڪ مان.

✸

ضمير ڦل

## غزل

گھاوَ ڏيندڙ معتبر ٿا لڳن،
درد منھنجا همسفر ٿا لڳن.

ھر ڪنھين گلدان ۾ گُل ڪاغذي،
خُوشبوئن جا بند - دَر ٿا لڳن.

تون اچا ڳالھاءِ! ڪجھ ڳالھاءِ جو،
لفظ تنھنجا مشڪ عنبر ٿا لڳن.

گُلَ جنجھريل لام دروازي مٿان،
نيڻ ڪنھن جا منتظر ٿا لڳن.

ايترا ٿو خواب سانڍيندو وتين،
نيڻ تنھنجا شاھ بندر ٿا لڳن.

ڪير ٿو سوچي گلابي مند تي،
ذھن سارا منتشر ٿا لڳن.

❖

ايوب کوسو

## غزل

تنھائين جا لڪ اسانکي،
ماري وجھندا پَڪ اسان کي.

ڪونہ ڳٺي ھو سڳھنديون اکيون،
ايذا آھن ڏَڪ اسان کي!

تو بن وسريا ناھن ڍوليا،
چانڊوڪين جا چَڪ اسان کي!

ھيرَ ٿڌي ۾ ياد اوھان جي،
ڏيندي آھي ٿَڪ اسان کي!

اندر ۾ ٿي ھُرڪُر جاڳي،
تون نہ پرين ھينئن ٽَڪ اسان کي!

ڏات جي ڏيھہ ۾ گِھلي آيا،
ڦُلڙين وارا نَڪ اسان کي!

شھر ۾ ھوندي دل تي آھن،
ٻَھراڙين جا آڪ اسان کي.

❖

مصطفيٰ ارباب

# نثري نظم

## ايوارڊ

مونکي ڪجھ ٻہ ٿئي
هو پريشان ٿي وڃي ٿي
هن کي ڪابہ تڪليف پُهچي
تہ منهنجو سُڪون غائب ٿيو وڃي
اسين هڪ ٻئي لاءِ
پيدا ڪيا ويا آهيون
ماڻهو
اسان جي زندگي جو
مثال ڏين ٿا
خوشي پکين وانگر
ختم ٿيندي ٻئي وڃي
پر اسان جا چهرا
گلن وانگر تزيل رهن ٿا
هر سال
بيوہ وانگر ڪنڌ جُهڪائي
گذري وڃي ٿو
اسين ڪڏهن ڏسڻ ۾ ايندا سون
اُن ڪميٽي کي
جيڪا
اداڪاري جو ايوارڊ ڏيندي آهي.

مصطفيٰ ارباب

# نثري نظم

## وقت روڪي سگهجي ٿو

وقت روڪي سگهجي ٿو
بند ٿيل گهڙيال ۾
مرندڙ ماڻهوءَ جي اکين ۾
محبوبہ جي ٻانهن ۾
گراموفون جي اٽڪندڙ سوئي ۾
ءِ
ڪنهن ڪئمرا جي فوٽوگراف ۾
وقت روڪي سگهجي ٿو
ءِ اُن سان گڏ
انهن ماڻهن کي بہ
جيڪي ڪنين حوالن سان
وقت کي روڪيندا آهن
خواب بابت
ڪنهن بہ نتيجي تي پهچڻ کانسواءِ
هر شيءِ کي روڪي سگهجي ٿو.

عبيد راشدي

## نثري نظم

نينگريون جلد وڏيون ٿيو وڃن
(ٻاروتڻ سياري جي سج جيان مختصر مختصر)
تڏهن تہ جُهرالي ڏينهن جي
هڪ منجهند
پنهنجين ننيڙين کي
ننڊ ڪرڻ لئہ
چوندي چوندي رڪجي ويو هئم
ڀلي تہ جيڏين سان
مينهن ۾ وهنجن
۽ فطرت جي رنگن ۾ رنگجن
ڪهڙي خبر تہ
ورندڙ بارش ۾
وڏيون ٿي چُڪيون هجن-

*

عبيد راشدي

## نثري نظم

هڪ سياري جي منجهند
جڏهن بند ٿيل A.C جي
ٻاهرين پاسي کان وينٽل ڀڪين
ڪجهي ننڊ ڦٽائي تہ
ڪاوڙ مان کين ڀڄائي ڇڏيون هئيم
۽ پوءِ ڪوشش جي باوجود
سمجهي نہ سگهيو هئس
تڏهن احساسن ۾ لڙهندي
لکيو هئم:
"هي عالمي سياستڪار
قومن کي بي وطن ڪرڻ کانپوءِ
سڪون جي ننڊ سمهي سگهندا هوندا."

*

جدت جو ضد روايت کي ضرور چيو ويندو آهي پر ڏٺو وڃي ته "روايت" کي به مختلف معنائن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو - "روايتي" نيڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ "روايت پسند" ٿيڻ بي ڳالهه آهي. روايتي ٿيڻ سان روايت پرستيءَ جو عنصر لاڳاپيل آهي جنهن ۾ رجدٽي (rigidity) آهي ڪابه لچڪ ڪانهي. ان کي ضرور "جدت" جو ضد چئبو پر "روايت پسند" ماٺهو هروڀرو "روايت پرست" ۽ روايتي ڪونه ٿيندو آهي. زندگيءَ جي هر شعبي ۾، ادب، ثقافت، تاريخ توڙي سياست ۾ ڪي روايتون بيمار ۽ بيڪار هونديون آهن ته ڪي وري صحتمند ۽ سماج لاءِ ڪارائتيون هونديون آهن - جدت جي تقاضا اها آهي ته صحتمند روايتن جي سلسلي کي اڳتي وڌائيندي، بيمار فرسوده يا مدي خارج روايتن جي خلاف ٿجي.

روايت ۽ جدت جي انهيءَ پس منظر ۾ جڏهن اسين سنڌي شاعريءَ کي پرکيون ٿا ته اسان کي سمجهه ۾ اچي ٿو ته آخر چاليهه يا پنجاهه سال جي عرصي کان ٿيندڙ هڪ خاص قسم جي شاعريءَ کي اڄا تائين سنڌيءَ جي جديد شاعري جو ٿو چيو وڃي.

سنڌي ادب ۾ اهو بحث دراصل مولانا گراميءَ جي طويل مقالي "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" کان پوءِ وڌيڪ چٽو ٿي سامهون آيو هو جڏهن اها تفريق وڃي ترقي پسند ۽ رجعت پسند واري جهيڙي تائين پهتي هئي ۽ ادب براءِ زندگي ۽ ادب براءِ ادب جو بحث چڙي پيو هو. پوءِ هڪ ٻئي تي گارين جا ڏوڙ يا هئا، ڪفرءِ الحاد جون فتوائون هيون ۽ اشتراڪي ۽ اسلاميءَ جا لقب القاب هئا. ليفٽسٽ ۽ رائيٽسٽ اديبن جون لابيون ٺهي ويون هيون - بهرحال وقت گذري ٿو وڃي، باقي رهي ٿيون اهي شيون جن ۾ واقعي زنده رهڻ جي سگهه هجي ٿي، جن جا دائمي قدر هميشه روشن رهن ٿا جن جي مدد سان نيون ۽ پراڻيون روايتون سلسلي کي اڳتي وڌائين ٿيون.

جيئن ته زندگيءَ ۾ ڪابه شي مستقل ڪانهي، جامد ڪانهي - نه سوچ، نه ويچار، نه علم، نه ادب، نه سماج ۽ نه ان جا قدر - هر شي ارتقاءِ پذير آهي ۽ حرڪت ۾ برڪت واري اصول موجب بهتريءَ ۽ ترقيءَ ڏانهن وڌندڙ ۽ تبديل ٿيندڙ آهي - پلا سدائين ته ساڳئي هڪڙي ئي رنگ ۽ ڍنگ سان هڪ ئي لائين تي هلندڙ ادب ته ڪونه رهندو. وقت سان نون خيالن، نون گهارڙتن نئين ڏڪشن ۽ نئين اسلوب جي ضرورت پوندي آهي سو جيڪو ڳالهه جديد هو سو دور جي حساب سان قديم ٿي ويو آهي ۽ ان کان پوءِ گهڻو ڪجهه اچي ويو آهي پر ان راهه ۾ ڪي سنگ ميل به آهن جيڪي هميشه گائيڊ ڪندا رهندا ۽ شايد انهن ۾ موجود "جدت" ۾ اينتري شدت هئي جو اڄ به انهن کي جديد سڏڻ تي دل ٿي چوي ... بهرحال ان "جدت" پنيان ڪي غير شعوري ته ڪي وري شعوري محرڪ هئا. جن مان هندستان ۾ سن ۱۹۳٦ع ڌاري ساهتيہ پريشد جي ناگپور واري تاريخي اجلاس ۾ جاري ڪيل اعلان نامو به هڪ آهي جنهن کي جديد ادب جو بنيادي منشور به سڏيو ويو هو. ان جي پوئيواري ڪندي سموري هندستان ۾ جيڪا عمومي تبديلي ادب ۾ آئي ان ۾ سنڌ جي حوالي سان آيل تبديليءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ جديد يا نئون ادب اسان جو اڄ جو موضوع آهي، جنهن ۾ شاعريءَ جي حوالي سان اهم ترين نالا شيخ اياز، نياز همايوني، تنوير عباسي، بردو سنڌي، نارائڻ شيام، قمر شهباز، شمشير الحيدري، تاج بلوچ ۽ امداد حسينيءَ جا آهن.

فيض احمد فيض پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي ته "شاعريءَ جي جوهر کان علاوه ڏسبو ته شاعريءَ جا زمان ۽ مڪان جي حوالي سان مختلف دائرا ٿين ٿا. مڪان جي حوالي سان پهريون دائرو پنهنجي ذات جو ٿيندو آهي، ٻيو قوم ۽ سماج جو ۽ ٽيون هم عصر انساني برادريءَ جو. زمان جي حوالي سان هڪ ماضيءَ جو دائرو ٿئي ٿو جنهن ۾ ڏسبو ته.شاعر پنهنجي ماضيءَ جي روايت سان ڪيترو ڳنڍيل آهي ۽ ان کان ڪيترو آگاهه آهي، ٻيو حال جو دائرو -

ان کان پوءِ وري مجموعي طرح سان هم عصر انساني برادريءَ جي حوالي سان انسانيت لاءِ درد، بک، بيروزگاري ۽ استحصال کي ڏسندي اسان جو شاعر چوي ٿو:

جنهن وقت لکن ۾ لوسائيل
انسان ڳلين مان نڪرن ٿا
جنهن وقت دکن ۾ دونهائيل
مزدور ملن مان نڪرن ٿا
مان پنهنجي تند تپايان ٿو
۽ درد دلين مان نڪرن ٿا
مان ڏوهي هان مان ڏوهي هان!

انهن کان پوءِ اڄون ٿا زمان جي دائرن تي.

پهريون آهي ماضيءَ جو دائرو. ڏسڻو اهو آهي ته اسان جي هنن شاعرن جو پنهنجي ماضيءَ جي روايت سان ڪيترو ۽ ڪهڙو تعلق آهي؟

هنن کان اڳ جا شاعر انگريزيءَ جي نيوڪلاسيڪل دور جي شاعرن وانگر فارسيءَ جي ڌارين روايت جي انڌي تقليد ۾ پنهنجي صحتمند روايت کان ڪٽجي نه صرف نلهي نقالي ڪري رهيا هئا بلڪ پنهنجن ماڻهن ۽ ملڪ ۽ انهن جي ٻوليءَ جي مزاج جي برخلاف موضوعن، فارم، اسلوب ،ڪشن وغيره ۾ هوبهو فارسي شاعري پيش ڪري رهيا هئا. اوپرا موضوع اوپرا ڪردار، ڌاريان اصطلاح، غير متعلق تشبيهون ۽ استعارا، پراون وزن بحر ۽ عروض جي اصولن جي سختيءَ سان پيروي ڪرڻ جي تاڪيد، سڀ ڪجهه پنهنجي روايتن کان انحراف جي ڪري ٿي رهيو هو. هنن جديد شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪلاسيڪي ادب جي روايت کي آندو ۽ جڻ ته انهيءَ جي تجديد ڪئي. گڏوگڏ خالص فارسيءَ جي صنفن جهڙوڪ غزل ۽ نظم وغيره کي سنڌي ويس پارايو، انهن ۾ نواڻ آندي. موضوع ۽ ٻوليءَ ۾ بنيادي تبديلي ڪئي. فارسيءَ جا پسنديده موضوع ڪل ٿي هئا "شمع پروانه"، "ساقي ميخانه" ۽ گل وبلبل" عشق جو، حُسن جو محبوب جو تصور بلڪل ايراني هو. ٻولي جا لفظ ۽ اصطلاح به ايراني هئا... محبوب، معشوق، مه لقا، ماه رُو، آهو چشم، نازڪ اندام نازنين جا ابرو رخسار، لب، خال، زلف، بس عاشقن جي قلب کي سمبل ڪري، زخمي ڪري بي موت ماريو وينا هئا.. اهڙا اهڙا لفظ استعمال ٿيندا هئا جيڪي سنڌي ماڻهوءَ جي مٿان گذري ويندا هئا. هر شي تي فارسيت طاري هئي ۽ بقول علامه دائود پوٽي جي سنڌ جي شاعريءَ مان سنڌيت جي بوءِ نڪري چڪي هئي. سنڌي مزاج واري سادي ۽ سنجيدگي باقي نه رهي هئي رڳو تڪبندي ۽ نقالي هئي.

آخوند لطف الله جو هي شعر ڏسو:

ڪمال ذوق سخن جي ۽ مغز معنيٰ لاءِ
نه هوم فخرِ رسا ۽ هُيم نه طبعِ روان
مگر بخاطرِ احباب ونزهتِ دلها
لکيم هي قصهِ مطبوع بادلِ شادان

انهيءَ شعر لاءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي جهڙو عربي فارسيءَ جو عالم ٿو لکي ته "هي ڪيئن بکيئو ڪهڙو سنڌي سمجهندو؟"

سگهجي ٿو. پنهنجي هر شي تي فخر ڪرڻ جو احساس ملي ٿو ايران جي ٿڌيءَ موسم ۽ گلن ڦلن سان جهنجهبل باغن باغيچن جي ڪري شاعرن فخر مان پنهنجي وطن کي باغ عدن، فردوس برين وغيره ٿي سڏيو ته ڇا اسين پنهنجي گرم، خشڪ ۽ ريگستاني ملڪ کي فخر لائق نٿا سمجهي سگهون؟ ان سان محبت نٿا ڪريون؟ اهڙي حقيقت پسنديءَ جو مظاهرو ڪندي شيخ اياز لکيو:

جت لُڪ لڳي جت اڪ ٽپن
سو ديس مسافر منهنجو ڙي
جت سج ڦلا ٿي نڪري ٿو ۽ آڳ الا ٿي نڪري ٿو
جت ڏينهن ڪڙهانيءَ جيئن ڪڙهن
سو ديس مسافر منهنجو ڙي

سچي ڳالهه هوندي آهي احساس جي، جيڪو ڪنهن شي کي Own ڪرڻ ۽ پنهنجو سمجهڻ سان لاڳاپيل آهي تڏهن ته چوي ٿو.

مسافر! رڳو نم جي ڇانوَ ۾ اچي ويهه ۽ ڪڏهن نار من
نه ڇائين ته هن ديس ۾ آهه ڇا. ته سمجهين ته ڇاتي ٿيون مگن

پنهنجا وڻ ٽڻ گل ڦل ڇا سروَ صنوبر ۽ نرگس لاله کان گهٽ آهن؟ پوءِ انهن جو ذڪر ڪرڻ ۾ ڪهڙو شرم؟ چوي ٿو:

ڪنديءَ نه سگري ٻيرَ نه پلڙو
سانوڻ سلڙو ڇانگون نه ڇيلڙا
مارو اڪيلڙا-

آءَ رابيل مرجهائين ٿا پيا
ڪا سڳند آهي جنهن جي نه تو بن سري

--

رات جي رانيءَ ڪني ڦلهار آ
واءَ ۾ ڪنهن سانوريءَ جي سار آ

--

بهار ۽ خزان جي روايتي ذڪر بدران پنهنجون موسمون ۽ مندون شاعريءَ ۾ آيون.

--

ڏسي چيٽ جو چنڊ آڪاس ۾
اسان کي اچي ويو ياد پنهنجو سڄڻ

--

ايران جي محبوبه جا رخسار پلي گل لاله جهڙا هجن ۽ اکيون غزال هجن. اها رقيبن جي هنج ۾ ويهي سدن دليون ٿي گرمائي ۽ اسان جي سنڌ جي سادي سودي سانوري ڳوناٺي ڇوڪريءَ ۾ شاعر ڇا ٿو ڏسي؟

امداد جو هائيڪو آهي:

هـيـنـڙي اڄـنـم هـول
اڄي وڃي نہ اڄي وڃي
پـڇـي ونـي ڪـيـرل
يا
اڳڻ اداس اڪيلو نـم
اڪـين پر لـهـي آنـي
ٽـيـڙوءِ جـي ٽـم ٽـم

تنوير جوي ٿو

ســارا مــاڻهــو ســون
سنڌ جي ماڻهوءَ مـثل
آهـن ڪـٿ بـہ ڪـونـہ

هائيڪو جي فني گهرجن پر قدرتي ماحول موسم توڙي محبت جي ذڪر کي قائم رکندي ساڳني گهارڻي پر ڪامياب تجربا ڪيا ويا. انهن صنفن کان سواءِ بنا قافيي نظم، آزاد نظم مختصر نظمن پر بہ جديد فڪر، بين الاقوامي احساس ۽ ديسي ٻوليءَ جو حسن امتزاج نظر اچي ٿو جنهن جو سمورو منظر سنڌي آهي. تنوير جو "موهن جو دڙو"، نياز همايونيءَ جو "مڪلي" سراج جو "ڪراچي" اياز جو "منهنجي منزل سنڌ" حيدر بخش جتوئيءَ جو "درياهہ شاهہ" - اهڙا سڀ موضوع انهن ڏارين صنفن پر آيل آهن ۽ ان طرح سان اها شاعري سنڌي مزاج سان موافقت رکندڙ ٿي پئي ۽ ماڻهن ڏنل سان قبولي.

تنوير عباسيءَ پنهنجي هڪ مضمون پر جديد سنڌي شاعريءَ جون جهہ خصوصيتون ڄاڻايون آهن - پهرين اها تہ ان جو لهجو سادو وڻندڙ ۽ نرم آهي. ٻي اها تہ ان پر انفراديت آهي، ٽين خصوصيت ڪلاسيڪي ورثي کي سنڀالڻ واري اٿس، چوٿين نمبر تي هو موضوعن جي پابنديءَ کان ڇوٽڪاري کي رکي ٿو. پنجينءَ پر هيئت ۽ فارم جا تجربا آهن جنهن پر ڪلاسيڪي سنڌي صنفن کان علاوه ٻاهران آيل صنفن پر ٻيا نوان نوان تجربا ڪيل آهن ۽ آخري خصوصيت آهي ان جو ترنم ۽ موسيقيت -

مجموعي طرح سان انهن ڇهن سگهجي ٿو تہ هنن، جديد شاعرن پنهنجو نئون سائنٽفڪ نقطہ نظر ڏنو، سماجي شعور تي زور ڏنو، تبديليءَ کي اٿترجاڻايو، جمهوري قدرن ۽ انسان دوستيءَ جو تصور آندو ۽ ادب ۽ زندگيءَ جي تعلق جي وضاحت ڪئي ۽ ثابت ڪيو تہ ڪوبہ سچو اديب ۽ شاعر پنهنجي دور جي تقاضائن کان بي خبر ۽ بي نياز رهي نٿو سگهي - اهائي ڳالهہ تہ هر دور جي "جديد" ڳالهہ آهي

## مددي ڪتاب:


١. مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات- مولانا غلام محمد گرامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ١٩٩٢ع
٢. مهراڻ (ٽہ ماهي) شاعري نمبر- جلد ١٨ نمبر ٣-٤-١٩٦٩ع سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
٣. تررورا- تنوير عباسي- سحتي پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٨٨ع
٤. سنڌيءَ پر آزاد نظم جي اوسر- شمشيرالحيدري -حيدري انسٽيٽيوٽ آف لٽريچر اينڊ آرٽس - حيدرآباد ١٩٨٧ع
مضامين خليل- ڊاڪٽر ابراهيم خليل - زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٨٣ع ۽ مختلف شاعرن جا شعري مجموعا.


●

ڊاڪٽر محمد علي ڀٽي

# مغربي فن مصوري جي مختصر تاريخ

فن مصوري دنيا جي هڪ اهڙي عظيم ۽ واحد ٻولي آهي، جيڪا دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سمجهي وڃي ٿي. هيءَ ٻولي اينتري ئي پراڻي آهي جيتري انسانذات، جنهن ان کي هر دؤر ۾ پنهنجي ريتن رسمن ۽ ثقافتي توڙي جاگرافيائي حدن اندر ۽ حالتن موجب پنهنجي پنهنجي انداز سان پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي. بلڪ ائين چوڻ کپي ته فن مصوري ئي هڪ اهڙو وسيلو آهي، جنهن سان انسان جو هر ايندڙ نسل پنهنجي ابن ڏاڏن جي طور طريقن کان واقفيت حاصل ڪري ٿو. تاريخدانن لاءِ پڻ فن مصوري هڪ اهڙي ذريعي جو ڪم ڏئي ٿو، جنهن سان هو پراڻي وقت جي واقعن، مذهبي ۽ ثقافتي حقيقتن کي چڱيءَ طرح ڏسي ۽ سمجهي سگهي ٿو.

هن سلسلي ۾ پهريان لفظ "فن" جو گهرائي سان جائزو وٺنداسين، تڏهن ئي اسين فن مصوريءَ کي سولائي سان سمجهي سگهنداسين. دنيا جي هر خطي ۾ رهندڙ قبيلن ۽ قومن جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن ۽ رواجن جو پنهنجو هڪ جدا گانه طريقو هوندو آهي، جنهن کي مجموعي طور ثقافت چئجي ٿو. ۽ اهي ماڻهو پنهنجي ثقافت جي حدن اندر رهي پنهنجي روز مره جي زندگي گذارڻ ۾ سهولت حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪجهه ايجاد ڪن ٿا، ان کي انهن جي فني پيداوار يا تخليق چئبو آهي ۽ جنهن رنگ يا طريقي سان اها تخليق يا پيداوار هو وجود ۾ آڻين ٿا، ان کي سندن ڪاريگري يا فن سڏيو وڃي ٿو. مثلاً لوهار، واڍو، ڳانڌو يا موسيقار، اديب، شاعر، رازو، ڪاشيگر، ڪنڀار وغيره سڀ پنهنجي پنهنجي فن جا صاحب آهن ۽ هو ان وسيلي فن جي تخليق يا فني ايجاد پيش ڪن ٿا.

اهي فني ايجادون يا تخليقون ٻن قسمن جون هونديون آهن ـ هڪڙيون جسماني ٻيون دماغي (Physical & Creative) جيتوڻيڪ هر فني تخليق ۾ اهي ٻئي عنصر ضرور شامل هوندا آهن. تنهن ڪري ئي سچو ۽ حقيقي فنڪار ان کي چئجي ٿو، جيڪو پنهنجي فني تخليق يا پيداوار ۾ دماغ استعمال ڪري ۽ پنهنجي پورهئي سان ان کي نون طريقن معرفت اڳ موجود مثال يا نموني کان بهتر بنائي ان جي اصلاح ڪري. ان ۾ وڌيڪ جِتاءُ ۽ سونهن پيدا ڪري، بلڪ ائين چوڻ کپي ته هو جيڪو ڪجهه پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ محسوس ڪري ٿو ان ڪيفيت کي پنهنجي هنر وسيلي ان فني پيداوار ۾ ظاهرڪرڻ جي قوت رکي. اهڙي سوچ ۽ امنگ رکندڙ جاکوڙيءَ کي فنڪار چئجي ٿو.

"فن مصوري" جيئن ان جي نالي مان ئي پڌرو آهي ته اهو فن جنهن کي ڪو مصور پنهنجي سوچ يا تصور ۾ ڪو خاڪو ويهاري ان کي رنگن يا ٻين وسيلن سان ڪينواس تي ظاهر ڪري. اهڙي طرح خيالن جي ان اظهار جي فن کي دنيا جي تاريخدانن ۽ ٻين اظهار جي طريقن ۽ نمونن کان تمام مٿانهون درجو ڏنو آهي. انساني سوچ ۽ فڪر هر دور ۾ ان جي تقاضائن مطابق بدلبو رهي ٿو، ان ڪري هر خطي جون سماجي ۽ فني ضرورتون به شعوري يا لاشعوري طرح بدلبيون رهنديون آهن. هر زماني جو تمام حساس طبقو جيڪو ذات جي ڏيهه سان وابسته آهي سو ان دؤر جي بدلبل سوچ ۽ ثقافتي ضرورت مطابق بدلجندو رهي ٿو. تنهن ڪري ٿوري يا گهڻي قدر هر فن ۾ تبديلي واقع ٿيندي رهندي آهي.

فن مصوريءَ جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته انسان ذات جي شروعاتي اڻ سڌريل دؤر ۾ به ضرورت مطابق سندس سوچ شعوري يا لاشعوري طرح چترڪاري جي عمل کي جاري رکيو آهي. تاريخ ۾ بلڪل واضح آهي ته پٿر جي زماني جا ماڻهو غارن ۾ جهنگلي جانورن جي سڃاڻپ لاءِ سندن جون شڪليون ۽ خاڪا ناهيندا هئا يا وري شڪار ڪرڻ لاءِ انهن خاڪن تي نشانا چٽيندا هئا. اهڙيءَ طرح ان بي سمجهيءَ واري زماني ۾ جڏهن ماڻهو اجا وحشي جيوت مان پير ئي ٻاهر نه ڪڍيو هو، جڏهن هن کي نه ڪپڙي لٽي جي سمجهه هوندي هئي ۽ نه کائڻ پيئڻ جو ڪو ڏانءُ. تڏهن به هو پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ ذريعا استعمال ڪرڻ لڳو جن مان غارن جي ديوارن تي ناهيل خاڪا تمام وڏي اهميت رکن ٿا. تنهن کان پوءِ جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن انساني سوچ به ترقي ڪندي ويئي.

Figure -1.
(Cave Painting)



فرانس جي هڪ قديم غار جي ديوار تي ٺهيل چترڪاري (15,000-1,000 B.C)

پٿرجي زماني ۽ ان کان اڳ جي غارن مان جيڪي انساني ۽ حيواني خاڪا ظاهر ٿيا آهن تن، مان به ثابت ٿئي ٿو ته انسان شعوري يا لاشعوري طور فن مصوريءَ ڏانهن لاڙو رکندو اچي ٿو، جنهن ذريعي هن انساني زندگيءَ سان وابسته احساس ۽ ان جي مسئلن جو اظهار خاڪن ۽ رنگن ذريعي پيش ڪيو آهي. فن مصوريءَ جي شروعاتي تاريخ ۾ مصرين جي دؤر يعني (3200 B.C) کان وٺي (800 B.C.) قابل ذڪر آهي. مصر جي آرٽ ۾ فن عمارت سازي، مجسمه سازي، چترڪاري، جاميٽري، سائنس ۽ عام رواجي هنر تمام گهڻو اوج تي هئا. مصرين جو فنون لطيفه سان تعلق سندن مذهبي عقيدت ۽ ان سان وابسته ڏند ڪٿائن تي مشتمل هو. حالانڪ آرٽ جي باريڪين جي حساب سان مصرين جي آرٽ خاص ڪري مجسمه سازي ۽ چتر ڪاري ايتري پختي ڪونه هئي، تنهن جي باوجود به پنهنجي طور مصرين پنهنجين تخليقن ۾ تصويرون بي حرڪت (Static) جڙتو، هڪ هنڌ بيٺل ۽ چهرا پاسيرا ناهيا آهن.

يورپ ۾ عيسائيت جي شروع واري دؤر ۾ فن مصوريءَ جون ٻه شاخون ايريون انهن کي (Early christian and Byzantin period) سڏيو وڃي ٿو.

(Early christian) عيسائيت جي شروع واري دؤر ۾ جيئن ته عوام جي ذهن ۾ سماجي حالتن تي مذهبي رنگ ڪافي چڙهيل هو، تنهن ڪري فنونِ لطيفه جي هر شاخ کي مذهب جي پکيڙڻ لاءِ تمام گهڻو استعمال ڪيو ويو، جن ۾ خاص ڪري عمارت سازي، مجسمه سازي، موسيقي، ناٽڪ ۽ چترڪاري ڪافي اثرائتا ثابت ٿيا. مذهبي تقاضائن کي پورو ڪرڻ لاءِ خاص قسم جون ديول تعمير ڪرايون ويون، جنهن جو بنيادي نقشو عيسائي صليب (Cross) واري ڊزائن تي لازمي قرار ڏنو ويو جنهن کي (Basilica) چيو وڃي ٿو.

Figure - 2.
(Basilica Plan)



عيسائيت جي شروع واري دؤر جي بسليڪا (BASILICA) سينٽ پيٽر چرچ جو پلان (338 A.D)

ان دؤر ۾ چرچ جي عمارت عبادت کان سواءِ پادري ۽ عيسائي عالم حضرات لاءِ گڏجي ويهي پنهنجي مذهبي مسئلن کي سمجهائڻ، سمجهڻ ۽ صلاح مشورا ڪرڻ لاءِ به ڪتب ايندي هئي. گرجا جو ٻاهريون ڏيک بلڪل سادو پر اندريون ڏيک پروقار ۽ سينگاريل هوندو هو. جنهن ۾ اندر داخل ٿيڻ شرط روحاني ڪيفيت پيدا ڪرڻ لاءِ عمارت جي درن درين کي خاص قسم جي رنگين شيشن (Stained glass) تي مذهبي تصويرن سان هڪ روح پرور ماحول پيدا ڪيو ويندو هو. اهڙن فن عمارت سازيءَ جي نمونن مان (Saint Patrics & saint Paul) جون ديولون اڄ به دنيا ۾ مشهور آهن. هنن عاليشان ديولن جي ديوارن تي فن مصوريءَ جا نادر نمونا ٺاهيا ويا آهن جن کي (Fresco) چيو وڃي ٿو.

مجسمه سازيءَ جو هڪ ٻيو انداز، جنهن کي (Relief) چيو وڃي ٿو جيڪو ديوار کان ڪجهه ٻاهر ابريل هوندو آهي، اهو طريقو مسيحي دؤر کان اڳ يوناني ۽ رومي دؤر ۾ به گهڻو مشهور ٿيو هو تنهن هوندي به (Early Christian) دؤر ۾ ڪافي مشهور رهيو.

برنطيني دؤر (Byzintine) ۾ ديول کي مذهبي موضوع جي مصوريءَ سان وڌيڪ سينگارڻ شروع ڪيو ويو. تنهن کان سواءِ ديول جي اندرين ديوارن ۽ محرابن تي شيشي يا پٿر جي ننڍن ننڍن ٽڪرن سان شڪليون

ناهيون ويندڙيون هيون جنهن کي موزيڪ (Mosaic) چئجي ٿو. هن دؤر ۾ ڪاٺ ۽ ڌاتن تي اُڪر جي هنر ۾ گهڻو زور ورتو جنهن ۾ گهڻو ڪري يوناني طرز جي اُڪر جو ڪم ڪيو ويندو هو.

Figure -3.

(Mosaic Work)



بزنتائن دؤر ۾ نهيل موزيڪ ورڪ جو هڪ ڏيک (547 A.D)

فن مصوريءَ جي مسيحي ۽ بزنطيني وقت جي شروعات (300 A.D.) کان (1000 A.D.) تائين جي عرصي کان پوءِ فن مصوريءَ ۾ هڪ اهڙو دؤر آيو جنهن کي (Romanisque) رومن طرز وارو دؤر چئجي ٿو. هن دؤر ۾ فن عمارت سازي، ڌاتن مان نهيل بت سازي، ڪاٺ تي اُڪر ۽ هاٿي ڏند جي جڙاوت واري هنر ڪافي نالو پيدا ڪيو. گڏوگڏ فن خطاطي جي زيبائش به تمام گهڻو پسند ڪئي وئي.

جيئن رومن دؤر جي فن تي يوناني اثر هو تيئن رومانسڪ (Romanisque) دؤر ۾ وري رومن اثر غالب هو ۽ جيئن ته رومن ديول جا دروازا ۽ دريون محرابي يا اڌ گول وانگر هئا. ان ڪري اهي ساڳيون ڊزائن تقريباً

۲. تصويرن ۾ ماحول، پڙاڏو ۽ اونهائي (Depth) آهي، تنهن ڪري انهن ۾ اظهار ۽ ڪيفيت محسوس ٿئي ٿي.
۳. روشني ۽ ڇانو (Light & shade) سبب تصويرن ۾ زندگي محسوس ٿئي ٿي.
۴. وڏي ڳالهه ته انهن تصويرن ۾ چهري جا تاثرات (Moods) ۽ جذباتي احساس به محسوس ٿين ٿا.

Figure - 4.
(Mona Lisa)



مشهور چترڪار ليناردو -دا-ونچي جو ناهيل شاهڪار پورٽريٽ "مونا ليزا" (1605)

ليو ناردو جي پينٽنگ مونا ليزا (Mona Lisa) ته تمام مشهور آهي جنهن ۾ سندس چهري جي تاثرات ۽ مرڪ ۾ زندگي محسوس ٿئي ٿي. فن مصوريءَ جي هن دؤر جي فني نقطه نگاهه کان اهم ڳالهه هيءَ آهي ته مصورن جي (Drawing)، (Design ، Composition) ۽ جاندارن جي جسماني بيهڪ ۽ انهن جي عضون جي ڄاڻ (Anotomy) بيحد قدرتي ٿي محسوس ٿئي، ۽ واضح طور ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اڄ تائين ڪوبه مصور ان دؤر جي مصورن جي انهيءَ ڪمال کي نه پهچي سگهيو آهي. هن سلسلي ۾ 'مِيڪَل اينجلو' ۽ 'ليوناردو' جي تحقيق

جي اها حد هئي ته انساني عضون جي ڊرائينگ کي صحيح طور معلوم ڪرڻ لاءِ قبرستان مان مردا ڪڍي انهن جي چير ڦاڙ ڪري انساني جسم جي باري ۾ پنهنجي علم ۾ اضافو ڪندا هئا. اڄ به ڊاڪٽر ۽ سرجن انساني جسم جي صحيح معلومات لاءِ هنن مصورن جي ڪڍيل ڊرائينگ کان مدد وٺندا آهن.

ميڪل اينجلو جي تصويرن کان سواءِ هن جا ناهيل پٿر جا مجسما به پنهنجو مثال پاڻ آهن. جن ۾ زندگي محسوس ٿئي ٿي؛ ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ ته اهي پٿر جا مجسما نه پر جيئرا جاڳندا انسان هجن.

Figure - 5.
(Mosess of Michelanglo)



مشهور چترڪار ۽ بت تراش ميڪل اينجلو جو سنگ مرمر مان تراشيل "حضرت موسيٰ" (Moses) جو مجسمو (15-1513)

مجسمه سازيءَ ۾ ڪماليت حاصل ڪرڻ تمام اٽانگو ۽ ڏکيو ڪم آهي. 'ميڪل اينجلو' جي تصويرن ۾ گهڻو ڪري عيسائيت جون ڪهاڻيون، قصا ۽ داستان ڏيکاريا ويا آهن. ميڪل اينجلو جي مصوريءَ جو شاندار مثال اٽليءَ جي هڪ ديول (Sistine Chapel) تي منعڪس ٿيل آهي. هن افلاطون جي نظريي موجب ته "خدا هر هنڌ موجود آهي ۽ هر ماڻهوءَ ۾ خدا نظر اچي ٿو." واري اصول تي مجسمن ۽ تصويرن کي تمام گهڻو طاقتور،

۾ زور ورتو ۽ فنڪارن پنهنجي تصويرن ۾ اينري ته ڪشش پيدا ڪئي جو ڏسڻ وارو پنهنجو پاڻ کي تصوير ۾ سمايل محسوس ڪندو هو ڄڻ ته تصوير جو هڪ جُز هجي.

Figure - 6.
(Diego Velazquez)



مشهور چترڪار ڊيگو ولاسڪس جو ناهيل شاهڪار "شهزادي ۽ خادم" (The Maids of Honor 1879)

باروق (Baroque) مصورن جي ڊزائين، آبجيڪٽو ڪمپوزيشن (Objective Composition)، اُپين ۽ ملسيرين ليڪن (Diagonals) جي استعمال ڪري تصوير ۾ هڪ جوش، ولولو، شور ۽ تيزيءَ جي ڪيفيت پيدا ٿيل اهي، جيڪا باروق فن مصوريءَ جي دؤر جي نمايان خصوصيت پڻ آهي.

ان جي برعڪس فرانس ۾ وري روڪوڪو (Rococco) ١٨ صديءَ جي پهرين اڌ ۾ فن مصوريءَ ۾ تڏائي،

هارين، گداگرن ۽ پورهيتن کي پنهنجي تصويرن جو عنوان بڻايو، اهڙي ريت مصورن پنهنجي سماجي ماحول ۽ انقلابي جذبن کي بيدار ڪرڻ جو جتن ڪيو.

Figure - 7.
(Francois Millet)



چترڪار فرانس ملي جو ناهيل "هڪ هاري" (The Sower 1850)

(Realism) يا انقلابي دؤر جي مصورن ۾ خاص ڪري ڪوربي (Courbet 1796-1875)، ملي (Millet 1814-1875)، ڊويئر (Daumier 1808-1879)، ڪورو (Corot 1796-1875) مشهور هئا. هنن مصورن پنهنجي تخليقن ۾ حقيقت پسنديءَ جو مظاهرو ڪيو. تصويرون گهڻو ڪري گهرن رنگن مثلاً: ڳاڙهي، بلو، پيلي ۽ ناسي وغيره رنگن سان ناهيندا هئا. ان وقت تائين رنگن کي اجا سائنسي اصولن موجب نه پرکيو ويو هو. ان ڪري انهن مصورن جي تصويرن ۾ رنگ محدود ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تنهن هوندي به سندن تصويرن ۾ احساس، ڪيفيتن ۽ تاثرات جو عنصر نمايان صورت ۾ موجود آهي.

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو فن مصوريءَ ۾ نيون تبديليون اينديون ويون. اوچتو فرانس جي شهر پيرس ۾ نوجوان مصورن جو هڪ نئون گروپ پيدا ٿيو، جنهن فن مصوريءَ جي تاريخ ۾ هڪ انقلاب آندو ۽ قدرتي منظرن جي عڪاسي کي هڪ خاص انداز سان پيش ڪيو، جنهن کي تاثراتي (Impressionism) چئجي ٿو.

کي (Post-Impressionism) يا تاثريت جي بعد وارو دؤر چئجي ٿو. هن دؤرجا خاص مصور آهن. سيزان (Cezanne 1839-1906)، گوگين (Gaugain 1848-1903) ۽ وين گاف (Van-Gough 1853-1890) هنن مصورن فن جي دنيا ۾ پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ تمام مشڪل راهون هموار ڪيون آهن. هنن ٽنهي مصورن پنهنجي مصوريءَ جو هڪ خاص مڪتب قائم ڪيو ۽ انهن ۾ مختلف ذاتي انداز پيش ڪيا، جيتوڻيڪ اڳتي هلي مصوريءَ جا الڳ الڳ انداز قائم ٿيا مثلاً سيزان جي فن مصوريءَ کان متاثر ٿي مڪعبيت (Cubism) ۽ تجريديت جي آرٽ جنم ورتو ان ڪري ئي سيزان کي (Abstract Art) جو خالق سڏيندا آهن. ان کان پوءِ پڪاسو (Picasso) انهيءَ طرز جا وڌيڪ رستا کوليا.

Figure -8.
(PAUL CEZANNE)



مشهور چترڪار پال سيزان جو سيلف پورٽريٽ (1879)

سيزان پنهنجي تصويرن ۾ رنگن جي ڪمپوزيشن، ڊزائين ۽ ڪينواس جي ٽوٽل ڪمپوزيشن ڏانهن گهڻو توجه ڏنو. هن هر شيءِ، هر آبجيڪٽ کي رنگن جي امتزاج ۾ ورهايو آهي بلڪ ائين چوڻ کپي ته هن جون تصويرون رنگ، جي ننڍين وڏن ٽڪرن (Cubes) ۾ ورهايل آهن ۽ ان ئي طرز کان متاثر ٿي پڪاسو جي تصويرن ۾ صرف معڪب (Cubes) ئي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جن مان بعد ۾ اڳتي هلي سندس تجريديت (Abstraction) ۽ فاوزم (Fouvism) جا انداز ايجاد ٿيا.

گوگين هڪ ازاد خيال ۽ سادگي پسند مصور هو، هُنَ ان دؤر جي فن مصوريءَ جي هر بندش کي ٽوڙي پنهنجي لاءِ هڪ جداگانه مقام پيدا ڪيو. گوگين جي تصويرن ۾ سادگي ۽ خاص طرح سان سڪون جي ڪيفيت آهي. جيڪا رنگن جي امتزاج سان ئي منجهن قائم ٿيل نظر اچي ٿي. هن پنهنجي رنگن ۽ ڊزائين ۾ خاص (Symbols) علامتون ڪم آنديون آهن جيڪي مذهبي قصن ۽ آکاڻين تي مشتمل آهن. گوگين جي فن مصوريءَ جي خاص طريقي مان نون ابرندڙ مصورن ڪافي فائدو ورتو. ان ئي دؤر ۾ هڪ ٻيو مصور جنهن پنهنجي جدا گانه ۽ ذاتي نظرين کي پيش ڪري فن مصوريءَ جي هڪ نئين باب کي جنم ڏنو، هن مصور پنهنجي جذبن ۽ اڌمن کي رنگن ذريعي ڪينواس تي پيش ڪيو ۽ پنهنجي خيال جي اظهار جو هڪ نئون طريقو ايجاد ڪيو. اهو هو وين گاف (Van-Gaugh). جيڪو پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ گهڻي حد تائين مايوس، بک ۽ افلاس جو شڪار،ء زماني جي ٺوڪرن کائڻ ڪري هر ڳالهه کان بنهه نراس هو، وڏي ڳالهه ته عشق ۾ ناڪاميءَ سبب هن جو مَنُ دنيا مان کٽو ٿي چڪو هو، انهن ئي سببن ڪري پنهنجو دماغي توازن به برقرار نه رکي سگهيو ۽ چريِن جهڙيون حرڪتون به ڪندو رهيو.

Figure -9.
(VINCENT VAN GOGH )



مشهور چترڪار وين گاف جو ٺاهيل هڪ لينڊ اسڪيپ

وين گاف (Van-Gaugh) جي ڏکن ڀري زندگيءَ جي ڪيفيت اسين هن جي تصويرن ۾ آسانيءَ سان محسوس ڪري سگهون ٿا. هن جي تصويرن ۾ خاص ڪري ڳاڙها، پيلا، بلو، ڪارا ۽ ناسي مطلب ته تکا (Bright) ۽ خالص رنگ (Pure colors) گهڻا ۽ گهاٽا استعمال ٿيل آهن، هن جي مصوريءَ ۾برش سان گڏ انهن گهاٽن رنگن جون عجيب انگڙ ونگڙ ۽ آڏيون ابتيون ليڪونءِ گهڪا (Texture) ڏسڻ ۾ ايندا

سواءِ مغربي ملڪن ۾ پڙهيل لکيل طبقو فن مصوريءَ جي اصولن ۽ ان جي ارتقائي تاريخ ۽ فني نقطہ نظر کان اڻتري تہ واقف ٿي چڪو هو جو ان قسم جي تجريدي تصويرن ۾ بدلايل يا ڏيکاريل فلسفي ۽ ان جي علامتي زبان کي پرکڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڪيس ڪا مشڪل پيش ڪونہ ٿي آئي.

پڪاسو جي مڪعبيت (Cubism) کي وري ٻن حصن ۾ ورهايو ويو هڪ تجزياتي (Analylic) ۽ ٻيو (Synthetic). پڪاسو سان گڏ (Braque) نالي هڪ ٻيو بہ مصور هو جنهن پڻ تجريديت ۽ مڪعبيت جي وڏي خدمت ڪئي، پر مرڪزي حيثيت پڪاسو کي ئي حاصل رهي آهي. پڪاسو پنهنجن نظرين ۽ پنهنجن اعليٰ تخليقي ڪمن وسيلي فن مصوريءَ کي هڪ نئون رخ ڏنو. شروع شروع ۾ هن جو آفريڪي مصورن ڏانهن گهڻو لاڙو هو، جيڪو هن جي شروع جي تصويرن ۾ ظاهر آهي، ان سبب يورپي ۽ آفريڪي طرز جي امتزاج جي ڪري هن جي تصويرن ۾ هڪ نئين جدت پيدا ٿي. پڪاسو (Picaso) تاثريت (Impressionism) جي دؤر ۾ رنگن بابت حاصل ٿيل معلومات مان ڪاٻہ خاص مدد ڪونہ ورتي پر، ڪاري، ساڻي، ڳاڙهي، ڦڪي، ناسي ۽ اهڙي قسم جي ميرن رنگن ۽ مختلف آڏين اڀين ليڪن سان هن پنهنجي تخليقن ۾ هڪ خاص قسم جو غيبائتو ۽ پراسرار ماحول پيدا ڪري فن مصوريءَ ۾ وڏو ڪارنامو انجام ڏنو.

اڳتي هلي تجريدي فن (Abstract Art) مان فن مصوريءَ جي هڪ ٻي شاخ ڦُٽي نڪتي، جنهن کي فاوزم (Fauvism) چئجي ٿو. هن قسم جي مصوريءَ ۾ خاص ڳالهہ اها هئي تہ تصويرن ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪيو ويو، جنهن کي ڏسي وحشت ۽ جنوني ڪيفيت طاري ٿئي ٿي. فاوزم جو خاص مصور (Henry Matisse) ليکيو وڃي ٿو، جنهن جي رنگن جو استعمال ۽ خاڪا نهايت ڇرڪائيندڙ سمجهيا ٿي ويا. هن قسم جي مصوريءَ کي (Wild Beast) يعني چيت ڪتائي واري مصوري بہ سڏيو وڃي ٿو.

فن مصوريءَ جي جديد دؤر ۾ فاوزم کان پوءِ ڪجهہ ننڍيون ننڍيون تحريڪون پڻ اڀريون جن مان ڪي اڄ بہ مغربي دنيا ۾ زور تي آهن. جهڙوڪ:(German Expressionism)، (Dadism-Surrealism)، (Supper Realism)، (Post Modernism) ۽ (Contemperary Art) تمام گهڻو مشهور آهن. مصورن جو خيال هو تہ تجريدي آرٽ محض حقيقت پسنديءَ کان فرار آهي ۽ هڪ ڏيکاءُ آهي. جيڪو محنت ۽ سوچ کان پري پڄڻ لاءِ وجود ۾ آيو هو. ان ڪري (Supper Realistic) مصورن پنهنجي تصويرن ۾ دل جي اندروني ڪيفيت ۽ سوچ کي حقيقت پسنديءَ سان ڪئنواس تي منتقل ڪرڻ جي خيال کي نظر ۾ رکي مصوري ڪئي.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ تقريباً سڄي دنيا ۾ بي چيني، پريشاني ۽ مايوسي پکڙيل هئي خاص ڪري جرمني بک ۽ افلاس جوشڪار ٿي پيو ۽ اتان جي ماڻهن ۾ بي روزگاري وڌي وئي. جرمنيءَ جا مرد توڙي عورتون روزگار جي تلاش ۾ صبح ۽ شام پريشان گذاريندا هئا. فن مصوريءَ سان تعلق رکندڙ فنڪار بہ ان افراتفريءَ جو شڪار ٿيڻ کان سواءِ نہ رهي سگهيا. جيتوڻيڪ جنگ کان پهرين جرمنيءَ جا مصور بہ خيالي ۽ تجريدي آرٽ جا دلدادہ هئا، پر جنگ کان پوءِ بدحالي، طبقاتي ڪشمڪش، پريشاني ۽ جذباتي ڪيفيتن کي ڪئنواس تي

منتقل ڪرڻ مناسب سمجهيائون، جنهن ۾ انساني چهرن تي ڏک ۽ پريشاني جو اظهار خاص طرح سان ڏيکاريل آهي. فن مصوريءَ جي ان دؤر کي (Expressionism) يعني اظهاريت وارو دؤر چئجي ٿو. انهن تصويرن ۾ چهري جي انداز ۽ ڪيفيت کان علاوه ڪينواس تي هڪ عجيب ڏک، ڏپ ۽ مايوسي جي پسمنظر جو اظهار ٿيل نظر ايندو، جنهن کي ڏسي هر انسان ماحول جي ڏک، بک ۽ خوف کي آساني سان محسوس ڪري سگهي ٿي.

مصوريءَ جي هن مختصر تاريخ مان ظاهر ٿيو ته فن مصوريءَ تي پنهنجي چوڌاري ماحول ان جي ڪيفيت ۽ ثقافتي صورتحال جو گهرو اثر هميشه اثر انداز ٿيندو پئي رهيو آهي. پيو ته فن مصوري ئي هڪ واحد ذريعو آهي جنهن جي مدد سان مصور پنهنجي جذبن، احساسن، ذهني انداز ۽ ڪيفيتن جو اظهار رنگن ۾ فن مصوريءَ جي بين مختلف ذريعن سان ڪينواس تي آڻي سگهي ٿو. مصور پنهنجي حساس ذهن ۽ گهري سوچ سان پنهنجي آس پاس جي ماحول تي نظر رکي ٿو ۽ ان جي قدرءَ قيمت وڌيڪ محسوس ڪري ٿو. فن مصوري اظهار جو هڪ زبردست ذريعو آهي جنهن سان پنهنجي معاشري، تهذيب، رسم رواج، رهڻي ڪهڻي ، سوچ ويچار، اٿڻي ويهڻي کي بين قومن ۽ نسلن تائين ڀرپور طريقي سان پهچائي سگهجي ٿو مصور نه صرف پنهنجي تهذيب کي هميشه هميشه لاءِ محفوظ ڪري ٿو بلڪ هو پنهنجي ايندڙ نسلن جي چوٽڪارو ۽ ترقيءَ جون راهون پڻ روشن ۽ هموار ڪري ٿو.

•



**اياز گل**

# سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ شاعري، مختصر جائزو

## (1926ع ----- 1996ع)

عام چوڻي آهي تہ: "ٻار آئيندي جو ابو آهي" . ان ڪان بہ اڳـي ٽئگور چيو آهي: "هر نئون جاول ٻار پاڻ سان اهو پيغام آڻي ٿو تہ. خدا اڃا انسان مان مايوس ناهي ٿيو." ٻين لفظن ۾ ٻار نہ رڳو خوشحال آئيندي جي سڃاڻپ آهي، پر هُو انسان ۽ ڪائنات جي بقاءَ جي علامت پڻ آهي. هاڻي جي انسان پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي جوڙاري ڦلليل رنگن ۽ روپن کي سلامت رکڻ جو خواهشمند آهي تہ ڪيس "ٻار" جي سک ۽ سلامتي لاءِ هر قسم جا جتن ڪرڻا پوندا. ٻار جيئن تہ اسان جو آئندو آهي. ان لاءِ سندس جيون جي جهول ۾ اسان جيڪي وجهنداسين، اڳتي هلي اهوئي اسان کي موٽي ملندو . پوءِ اُهي گُل هجن يا ڪنڊا ، مُرڪ هجي يا لُڙڪ. ساوڪ هجي يا سوڪهڙو.

مشهور انگريز اديب ۽ شاعر وردس ورٿ (Words Worth) چيو آهي تہ: "ٻار، سڌو جنت مان اچي ٿو، هُو پاڻ سان گڏ سڪون، خوشي، ايمانداري، نيڪي ۽ پيار ڪٺي اچي ٿو. ٻارَ جي دل، ماکَ ڦڙي وانگر شفاف ۽ پاڪ آهي." ان ڪري، اسان کي پنهنجي ٻارن جي شفاف ۽ پاڪ دلين ۽ ذهنن تي صحيح تربيت ۽ تعليم وسيلي اهڙا نقش چٽڻ گهرجن، جيئن اڳتي هلي اُهي پنهنجي ۽ انسان جي آئيندي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهن. مستقبل جي ٺئين، ڪارائتي ۽ صحتمند انسان پيدا ڪرڻ لاءِ ٻارن کي بهتر تربيت، تعليم، ونڊرَ ۽ ادب مهيا ڪري ڏيڻ جي وڏي ضرورت آهي. ٻارن جي جسماني ۽ ذهني تربيت ۽ واڌاري لاءِ گهرَ، اسڪولَ، راندين جا ميدان ۽ لائبريريون اهم ادارا آهن. گهر ۾ ٻارَ، ماءُ ۽ پيءُ جي تربيت هيٺ رهي اُٿي ويهي جا آداب سکندا آهن، اسڪول ۾ علم ۽ ذهانت حاصل ڪندا آهن، راندين جي ميدان ۾ جسماني سگهہ ۽ ذهني تازگي حاصل ڪرڻ سان گڏ تنظيمي گُڻ سکندا آهن. هڪ جيڏن سان لاڳاپا ۽ دوستيون وڌائيندا آهن. پر ادب جو مطالعو ۽ لائبريرين جو اڀياس، ٻار ۾ آزاد سوچون ۽ خيال پيدا ڪندو آهي.

دنيا جي هر معاشري ۾ ٻارن جي جسماني پرورش سان گڏ، سندن ذهني تربيت جو بہ خاص خيال رکيو ويندو آهي. ٻارن جي حوالي سان سندن ذهني اوسر ۽ تربيت کي نظر ۾ رکندي، هر ٻوليءَ جي ادب ۾، ٻارن جي ادب جي تخليق ڏي خاص ڌيان ڏنو وڃي ٿو ۽ ان جي واڌاري ۽ سُڌاري لاءِ ڪوششون ورتيون وڃن ٿيون. دنيا ۾ جن بہ قومن "ٻاراڻي ادب" جي اهميت محسوس ڪري، اُن جي ترقيءَ طرف ڌيان ڏنو آهي، اُنان جي ٻولين جو ٻيو ادب بہ شاهوڪار ۽ وسيع ٿيندو ويو آهي. ٻاراڻو ادب جيتوڻيڪ پنهنجي مواد جي حوالي سان سادو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پر سندس اهميت، ٻئي ادب کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ نہ هوندي آهي، جو تہ ٻاراڻو ادب، مستقبل جي ٺئين ۽ آزاد انسان پيدا ڪرڻ ۾ وڏو مددگار ثابت ٿيندو آهي. اها حقيقت آهي. تہ قومن جي تهذيبي ۽ اخلاقي ترقيءَ ۾ ادب جو وڏو ڪردار هوندو آهي. ٻاراڻي ادب جو ان لحاظ کان بہ وڏو مقام جُڙي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ٻارن جي تهذيبي ۽ اخلاقي ترقي مان ڪنهن قوم جي اخلاق ۽ مهذب هئڻ جو پتو لڳائي سگهجي ٿو. ان ڪري ترقي يافتہ يا ترقي پذير قومن جي ادب ۾ ٻاراڻي ادب کي پيڙهہ واري حيثيت حاصل آهي، جو تہ ٻارن کي جيڪڏهن ننڍ پڻ ۾ ئي ادب سان دلچسپي هوندي تہ اُها وڏي هوندي بہ برقرار رهندي.

۱۹۷۴-۷۳ع کان پوءِ واري دؤر ۾ بهرحال، ان مان ۾ ڇُرپُر پيدا ٿي ۽ ٻارن لاءِ گيتن ۽ نظمن تي مشتمل ڪتابن ڇپجڻ جي شروعات ٿي، پر اها رفتار بہ اطمنان جوڳي نہ هئي. سنڌ ۾ ٻاراڻي ادب ۽ شاعريءَ کي اُٿوند واري حالت مان ڪڍڻ ۾ روزاني اخبارن، ادارن ۽ تنظيمن اهم ڪردار ادا ڪيو. مقبول ٻٽيءَ حيدرآباد مان "گلستان" رسالو جاري ڪيو. جنهن ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪافي ڪم ڪيو. ڪجهہ سالن کان پوءِ اهو رسالو بند ٿي ويو. ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ اياز ڀانوليءَ جي "گلشن ادب" (ٽنڊو محمد خان) جون خدمتون ٻڻ ياد رکڻ جهڙيون آهن. انهن کان سواءِ سنڌ جي مختلف شهرن مان ٻاراڻي ادب جا ڪتابي سلسلا جاري ٿيا. جيڪي گهڻو وقت جاري رهي نہ سگهيا ۽ بند ٿي ويا. ڪن علمي ۽ ادبي ادارن ان سلسلي ۾ پاڻ ملهايو. تن ۾ "اداره گلستان، حيدرآباد" "ٻارن جي ٻاري، بدين" "سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو" "انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو" "امين ڪتاب گهر، حيدرآباد" "آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد" آر.ايچ. فتح ايڊ برادرس، حيدرآباد" جا نالا اهم آهن، انهن ادارن وڏي تعداد ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻين، گيتن، نظمن، ۽ ٻين موضوعن تي مشتمل ڪتاب ڇپرايا. جڏهن تہ روزانو "عبرت حيدرآباد، ٻارن جي ٻاري" ، "روزانو هلال پاڪستان ڪراچيءَ، "گلن جهڙا ٻارڙا" ، "چٽنگ پبليڪيشن، دادو، چٽنگ سنگت" ، "گلشن ادب ٽنڊو محمد خان، گلشن سنگت" ، "پوپٽ پبليڪيشن خيرپور، سنڌي ٻالڪ سنگت" ، "سجاڳ ٻار پبليڪيشن حيدرآباد، سجاڳ ٻار تحريڪ" ۽ "ساٿي پبليڪيشن گهوٽڪيءَ، ساٿي ٻارڙا سنگت" جي نالن سان ٻارن جي تنظيمن جو بنياد وڌو ۽ ٻارن لاءِ رسالن ۽ ڪتابن جو سلسلو جاري ڪيو. انهن تنظيمن ۽ ادارن، ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ ساراهڻ جهڙو ڪردار ادا ڪيو ۽ ٻاراڻي ادب جا اهم ليکڪ پيدا ڪيا، پر اڳتي هلي اهي تنظيمون ۽ ادارا بہ روايتي سُستيءَ ۽ مالي مونجهارن ۽ مسئلن جو شڪار ٿي ويا، بند ٿي ويل ڪتابي سلسلن ۾ "جوت" حيدرآباد، "جوت" خيرپور، "لالي" حيدرآباد، "گونج" حيدرآباد، "ڪونڌر" ماتلي، "روشن تارا" حيدرآباد، "ڏياٽي" لاڙڪاڻو، "ٻالڪ" حيدرآباد، "ننڍين جوت" حيدرآباد، "چٽنگ" دادو، وغيره جا نالا اچي وڃن ٿا. هن وقت سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو پاران ماهوار "گل ڦل" . (جيڪو ۱۹۵۹ع کان وٺي اڄ تائين پابنديءَ سان شايع ٿيندو اچي ٿو). ماهوار "گلستان" حيدرآباد، ماهوار "مُرڪ" ڪراچي، ماهوار "گلڙا" شڪارپور، ماهوار "گُل" حيدرآباد، "سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن" حيدرآباد ۽ ڪجهہ عرصو اڳ جاري ٿيل پندرهن وار "ارڇڪ مرڇڪ" حيدرآباد، ٻارن جي ادب جي ترقيءَ ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ پاڻ ملهائي رهيا آهن.

۱۹۴۷ع کان ۱۹۷۴ع تائين ۲۷ سالن جي هڪ ڏگهي مات کان پوءِ ٻارن لاءِ گيتن ۽ نظمن تي مشتمل پهريون ڪتاب، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشوري پاران "ٻاراڻا ٻول" جي نالي سان، جون ۱۹۷۵ع ۾ شايع ٿيو. هي ڪتاب ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو ترتيب ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ مختلف شاعرن جا ۲۵ چونڊ گيت ۽ نظم شامل آهن، جن جي ٻولي سلس، سادي ۽ روان آهي. ڪتاب ۾ شامل گيتَ ونڊُر ۽ معلومات سان ٽمٽار آهن ۽ ننڍڙي بحر ۾ چيل آهن.

هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ کان پوءِ، ٻنهنجي ذميدارين کي محسوس ڪندي، پنهنجي ٻالپڻ جو قرضُ لاهڻ لاءِ ننين ٿهيءَ جي ڪيترن شاعرن، پاڻ کان اڳ وارن شاعرن سان گڏجي ٻارن سان پنهنجي پيار جو ثبوت، ٻارن لاءِ گيت لکي ڏنو. شاعرن پنهنجن گيتن ۽ نظمن وسيلي، ٻارن کي علم، سکيا ۽ ونڊرُ جو سامان مُهيا ڪري ڏنو، تہ جيئن هُو آزاد فضائن ۾ انساني ڀائيچاري، امن، اخلاق، سچائيءَ ۽ ديس دوستيءَ جي علامت ٿي گذاري سگهن.

۱۹۸۴ع کان پوءِ خاص طور تي ٻارن جي ملهايل عالمي سال ۱۹۷۹ع کان وٺي هيل تائين، نثر جي مقابلي ۾ ٻارن لاءِ گيتن، نظمن ۽ ٻولن جا مجموعا وڏيڪ تعداد ۾ شايع ٿيا آهن. هن وقت تائين، سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جا

| | | | |
|---|---|---|---|
| ۳۰. | تمڪندڙ تارا | ڪمل پياسي | - |
| ۳۱. | مامي جون مُڇون | هوندراج بلواڻي (ترتيب) | - |
| ۳۲ | گيت ڪبڏوٽا | رئيس فروغ/ ذوالفقار سيال | ۱۹۸۳ع |
| ۳۳ | دنيا آهي گول | مختيار مکڻهار | ۱۹۸۳ع |
| ۳۴ | مربدار گيت | هري دلگير | ۱۹۸۳ع |
| ۳۵ | ٻبڪڙيون گلابَ جون | ڪمل پياسي | ۱۹۸۴ع |
| ۳۶ | ڪرٽا ڪرِٽا | مقصود گل | ۱۹۸۵ع |
| ۳۷ | گلن جھڙا گيتَ | ذوالفقار سيال | ۱۹۸۶ع |
| ۳۸ | پويٽ جهڙا گيت | ادل سومرو | ۱۹۸۶ع |
| ۳۹ | جهڙا گل گلاب جا | اقبال شينو | ۱۹۸۶ع |
| ۴۰. | گيت گلابي | هري دلگير | ۱۹۸۸ع |
| ۴۱ | جبجل تنهنجي جهول ۾ | زاهد شيخ | ۱۹۸۸ع |
| ۴۲ | گل ۽ مکڙيون | اختر درگاهي | ۱۹۸۹ع |
| ۴۳ | لفظن جا رانديڪا | ذوالفقار سيال | ۱۹۸۹ع |
| ۴۴ | ذرتي روشن ٿيندي | مختيار مڻهار | ۱۹۸۹ع |
| ۴۵ | هڪ سؤ ٻروليون (ڪوٺا ۾) | هري دلگير | - |
| ۴۶ | گيتَن جي گلزاري | ڊاڪٽر نواز علي شوق | ۱۹۹۰ع |
| ۴۷ | رِم جهم رِم جهم | ڀڳوان نردوش | ۱۹۹۰ع |
| ۴۸ | رنگ برنگي ڦوڪڻا | ڀڳوان نردوش | ۱۹۹۰ع |
| ۴۹ | سرها گل ساڻيهه جا | سڪندر سرواڻ | ۱۹۹۲ع |
| ۵۰. | ٻار گلن جا هار | غلام محمد غازي | ۱۹۹۲ع |
| ۵۱ | ٻاراڻا گيت | رحيم بخش قمر | ۱۹۹۳ع |
| ۵۲ | روشن تارا گيت | محمد ابراهيم جويو/اعجاز قريشي<br>ادل سومرو (ترتيب) | ۱۹۹۳ع |
| ۵۳ | ٻول اسان جي ٻارن جا | آصف منياڻوي | ۱۹۹۴ع |
| ۵۴ | ڏمڪ ڏم | ڪملا پيسن/ تنوير جوڻيجو | ۱۹۹۴ع |
| ۵۵ | ٻالڪ پيارا ٻولي پياري | غلام محمد ٻٽي | ۱۹۹۴ع |
| ۵۶ | مهڪار | خليل عارف سومرو | ۱۹۹۵ع |
| ۵۷ | رنگ برنگي ڦوڪڻا | ادل سومرو (ترتيب) | ۱۹۹۵ع |
| ۵۸ | ٻوليون لوليون ٻارن جون | بيخود بلوچ | ۱۹۹۵ع |



# کهائیوں

"شيخ صاحب، ٿورو هن پاسي به ڏسو" ، آئون چوان ٿو.

ع. ق. شيخ اکيون کولي پاڻيءَ جي سطح تي ترُيل گلن ڏانهن ڏسي ٿو ۽ ڪيتري دير تائين ڏسندو رهي ٿو.

"قدرت جي نظارن ۾ عجيب حسن لڪل هوندو آهي." ع. ق. شيخ لفظ لفظ جدا ڪري آهستي چوي ٿو". "ان حسن کي جهٽڻ جي ڪوشش ۾ ماڻهن ڪهڙا نه جتن ڪيا آهن! شاعري، موسيقي، مصوري، بت سازي، عمارتسازي، ٿانوَ ناهڻ، مطلب ته سڀني لطيف ۽ اعليٰ فنن جي ذريعي انسان حسن کي جهٽي پيش ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري آهي. جهنگل، واريا سا ۽ سرسبز ميدان ۽ پهاڙ، درياهه، نديون نالا، جهرڻا ۽ سمنڊ، فطرت جي انهن مظاهر ۾ حسن جي دلڪش موسيقي هوندي آهي، جيڪا هر وقت انسان جي اندر ۾ هڪ عجيب تڙپ پئي پيدا ڪندي آهي. انسان پهرين انهن فطري مظاهر جو نقل ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي عقل جي استعمال سان ان حسن ۾ اضافو ڪيو ۽ اهڙا اهڙا شاهڪار تخليق ڪيا، جيڪي دل ۽ دماغ تي جادوءَ جهڙو اثر ڪن ٿا. پر اجا انسان جي خواهش ۽ طلب جي تڪميل نه ٿي آهي. هو هر وقت بهتر کان بهتر جي جستجو ۾ آهي، ان هوندي به هن جي اها طلب ڪڏهن به پوري نه ٿيندي، ڇا لاءِ ته حسن يا سونهن جو ته ڪو انت ئي نه آهي".

"پر حسن جو وڏي ۾ وڏو شاهڪار ته پاڻ انسان آهي" ، جويو صاحب چوي ٿو. "مرد ۽ عورت - نفيس ۽ نازڪ حسن جو بيمثال نمونو.

"خاص ڪري عورت. ڪائنات جي سموري سونهن جو سرچشمو عورت ئي آهي." ع. ق. شيخ منچر جي مٿاڇري تي ڏسندي چوي ٿو.

ع.ق. شيخ ماٺ ٿي وڃي ٿو ۽ آئون وري ان طرف ڏسان ٿو، جتي هاڻي وهي چڙهيل مائي ونجهه پئي هلائي. پئي هٿ ونجهه ۾ ۽ ان تي ڪلهي جو زور. ٻيڙي ڏکبي اڳتي پئي وڃي.

انيس انصاري

# مس گرين

"ڪڏهن کان سڃاڻوس؟" عابده پڇيو.

"ڪنهن کي؟"

"مس گرين کي ؟"

"مس گرين؟" مون سواليہ انداز ۾ پڇيو.

"مس گرين، جا هاڻي توهان جي آفيس مان نڪتي."

"اوهہ! اوهان جو مقصد مس پروين هو. ڇا ڪا حسد جي ڳالهہ آهي ؟"

"ڇا جو حسد؟ منهنجو ڪهڙو رستو آهي توسان؟"

اڄ عابده مون سان "تو" ڪري ڳالهايو، پرمر رکڻ لاءِ چيومانس: "ياءِ پيڻ جو رشتو ڪو گهٽ آهي ڇا!"

"پيڻ سڏيو اٿني تہ ٻڌ. ان عورت کان دور رهين تہ چڱو."

"پروين کان؟"

"پروين سڏينس، ڊيبورا سڏينس، شياما سڏينس يامس گرين."

"ايڏا رنگ آهن ڇا ان عورت جا؟"

"ان کان بہ وڌيڪ." عابده ٻڌايو.

"عابده اسان جي آفيس ۾ اسٽينو ٽائيپسٽ هئي."

*

منهنجي ڪم جي صلاحيت ۽ ايمانداريءَ ڪري منهنجي فرم مون کي برانچ آفيس مان اضافو ڏئي هيڊ آفيس ۾ آندو هو. ڊائريڪٽرن جو مون ۾ ڪلي اعتبار هو. هو مون کي منجهيل معاملا ڪي سٺي طرح حل ڪرڻ سبب هڪ دفعو هانگ ڪانگ ٻيو دفعو انگلينڊ ۽ هاڻي جپان، فرم جي ڪم جي سلسلي ۾ موڪلي رهيا هئا.

*

هانگ ڪانگ مان ڪم جي اڪلاءِ بعد موٽي انٽرنيشنل هوائي اڏي تي لهي ٻاهر فرم جي گاڏيءَ لاءِ واجهہ وجهي رهيو هيس، جنهن کي موڪلڻ لاءِ مون فيڪس ذريعي فرم کي اطلاع موڪليو هو. پر اها ڪٿي نظر نہ آئي. هڪ ناسي رنگ جي گاڏي اچي منهن جي پرسان بيني. ڊرائيونگ سيٽ تي هڪ خاتون وينل هئي.

"اي مسٽر!" گاڏيءَ ۾ وينل عورت چيو، "فرحان هوٽل وڃڻا آهيو نہ؟ اچي ويهو. مون کي بہ ان طرف وڃڻو آهي."

مان تعجب ۾ پئجي ويس. اها خاتون منهنجي اڳ ڏٺل ڪانہ هئي. مان سوچي رهيو هيس تہ آخر ان عورت جو مقصد ڇا ٿي سگهيو پئي، جو هڪ اڻ واقف مرد کي ڪار ۾ ويهڻ جي آڇ ڪري رهي هئي. ان ٻڌ تر ۾ هيس تہ پير واري سيٽ جو دروازو کولي خاتون مون کي ويهڻ جي آڇ ڪئي. مان وڃي ويٺس.

هڪ نظرئي ڪافي هئي. عورت ٽيهارو ورهين جي پئي لڳي، پر نهايت حسين ۽ جاذب نظر. بدن تي فيروزي

مبارڪ بادي ڏني ۽ چيائين: "مسٽر خان! توهنجي محنت رائيگان نه ويندي. فرم تولاءِ سٺو سوچيو آهي."

مان سندس ٿورو مڃيو.

ٻئي ڏينهن ميٽنگ رکيل هئي. اتي پهتس، ڏٺم ته فرم جا چارئي مينيجنگ ڊائريڪٽر اتي موجود هيا. ميٽنگ دوران پنهنجي ڪم جي رونداد پيش ڪيم. پتو ته ڪين اڳ ئي ٽيليفون تي ڏنو هيم. آرڊر جا ڪاغذ جڏهن ميٽنگ ۾ پيش ڪيم ته سندس چهرا ٻهڪي اٿيا. مسٽر ارشد ٻڌايو ته فرم فيصلو ڪيو آهي ته توهان کي هڪ پگهار بونس طور، هزار رپيا ماهوار پگهار ۾ اضافو ۽ فرم جي ريسٽ هائوس جي ٽن ڪمرن مان هڪ ٿوري مسواڙ تي ڏنا وڃن ٿا.

مان سندس ٿورو مڃيو.

ريسٽ هائوس جو ڪمرو جيڪو مون کي الاٽ ڪيو ويو هو، سو هوادار، ڪشادو ۽ فرنشڊ هو. ان سان لاڳيتو اٽيچڊ باٿ ۽ ننڍو سٽنگ روم پڻ هو. جنهن ۾ قالين، صوفا، ٽيبل ڪرسيون قيمتي مٽريل مان تيار ٿيل رکيا هئا. دل چاهيو ته مس پروين کي پنهنجي منتقلي جو اطلاع ڏيان. ٽيليفون ڊائريڪٽريءَ ۾ شاهين ليڊرس نالي ڪا به فرم داخل ڪانه هئي. ٽيليفون انڪوائري به ان سلسلي ۾ منهنجي مدد ڪري ڪانه سگهي. البت ڊائريڪٽري ۾ ڊزن کن پروين جا ٽيليفون نمبر ڏنل هئا، پر مون نه ٿي چاهيو ته ڪنهن غلط پروين سان ٽيليفون تي ڳالهايان.

*

"سر! مس پروين اوهان سان ملڻ آئي آهي." آفيس جي رسيپشنسٽ ٽيليفون تي ٻڌايو. بدن ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. موڪلڻ لاءِ چيومانس.

هوءَ چمڪ ۽ خوشبو جي لهر ڪٿي آفيس ۾ آئي. اچڻ سان شڪايت جي لهجي ۾ چيائين: "هوٽل ڇڏي ٻي هنڌ وڃي رهيا آهيو ته خبر ئي نه ڏني اٿو!"

چيومانس: "نه اوهان جي فرم جو ڪو پتو ۽ نه اوهان جو. خبر ڏيان به ته ڪنهن کي."

حسين مسڪراهٽ سندس منهن تي مڙي آئي چيائين: "اسان جي فرم هن شهر ۾ آهي. مان ٽريولنگ سيلس گرل آهيان. ڪڏهن هتي ته ڪڏهن هُتي. منهنجو به نه مستقل پتو ڪونه آهي. ڪلهه ڪوئيٽا ۾ هيس. اڄ هتي آهيان ۽ سڀاڻي لاهور لاءِ اڏام آهي. ڇڏيو ان کي. ٻڌايو ته اوهان جو انگلينڊ جو سفر ڪيئن رهيو؟"

"ڏاڍو سٺو." مون ٻڌايس: "ان ڪري ته آفيس مون کي رهڻ لاءِ هڪ سٺو فرنشڊ ڪمرو ڏنو آهي، جنهن سروس فري آهي، سواءِ کاڌي جي خرچ جي. نوڪراڻو، فرم جي ذمي آهي. ان کان سواءِ پگهار ۾ به اضافو ٿيو آهي."

" پر انگلينڊ ۾ هڪ ننڍي ٽريجڊي سان منهن ڏيڻو پيو."

"ٽريجڊي! ڇا ٿيو...." ڪانئس دانهن نڪري ويئي.

"اهو بعد ۾ ٻڌائيندس. پهريائين ٻڌايو ته چانهه پيئندءِ يا ڪافي؟"

"اهو سڀ ڪجهه بعد ۾، پهريائين ٻڌايو ته اتي ڇا ٿيو؟"

"مڙئي خير هو. اوهان ڇا پيئندؤ."

"ڪوڪ. پر ڳالهه پهريائين."

ٻن ڪولا ۽ ڪجهه سنيڪس جو آرڊر انٽرڪام تي ڏنم. کيس ٻڌايم ته: سندس ڏنل بريف ڪيس ٽيڪسي واري کي اهڙو وڻيو جو ڀاڙو وٺڻ بدران اهو کڻي هليو ويو."

تشويش جو اظهار ڪندي پڇيائين: "گهڻو نقصان ته نه ٿيو؟"

منهنجو مطلب پاسپورٽ، ڪئش ۽ ضروري ڪاغذن بابت آهي."

لياقت رضوي

# گلدستي مان رهجي ويل گل

"هڪ اداس ماڻهوءَ جي هٿ ۾ گل ڪيترو خوبصورت لڳندو آهي، اها خبر مون کي اڄ پئي آهي."

ڪمري ۾ داخل ٿيندي، هوءَ پنهنجي ٿڪ ۾ ٽانڪيل جملو چئي ٿي. هو چرڪي، ڪيس ڏسي ٿو ۽ گل سندس هٿن مان ڇڏائجي، ڪمري جي سانت هوا کي چيريندو، فرش تي وڃي ڪري ٿو. اهو گل، ان گلدستي مان بچي پيو هو، جيڪو هن محبوبا کي پنهنجي هٿن سان ناهي، ڪجهه دير اڳ ۾ ڏنو هو.

اهو هن جي روز جو معمول آهي ته سڄ اڀرڻ کان اڳ، موٽر سائيڪل تي وڃي، اعظم جي نرسريءَ تان مختلف گل وٺي ايندو آهي ۽ انهن جو گلدستو ناهي، پنهنجي محبوبا کي، سنڌ يونيورسٽيءَ وڃڻ کان اڳ ۾ ڏيندو آهي. هوءَ اهو مرڪي وٺندي آهي، دلربا انداز ۾ سمهڪي، ان کي پنهنجي گهري ناسي پرس ۾ رکي ڇڏيندي آهي، جنهن جي ٻاهران چار مختلف رنگن جا ٻج ۽ هڪ ڪير جهڙو سفيد ننڍڙو پالو لڳل هوندو آهي. هن کي خبر ڪونهي ته سندس محبوبا اهي گلدستا ڪاڏي ڪندي آهي، پوءِ به هميشه محنت ۽ محبت سان مختلف گلن جا گلدستا ناهي، ڪيس ڏيندو آهي.

اڄوڪي گلدستي مان هڪڙو نرگس جو گل بچي پيو هو، جنهن لاءِ هو سوچي رهيو هو ته ڊمپل جي خالي بوتل ۾ پاڻي ڀري، ان ۾ رکي ڇڏي، ته هوءَ ڪمري ۾ آئي هئي ۽ پنهنجي ٿڪ ۾ ٽانڪيل مٿيون جملو چيو هيائين، جيڪو ڪنهن حد تائين سچ به هو، جيڪڏهن واقعي به هوءَ هن سان پيار ڪندي هجي ها ته يقينن هن جو اهو انداز ڪيس ڳماني ڇڏي ها، پر هوءَ ته پنهنجي مڙس کان انتقام وٺڻ لاءِ، هن سان پيار ڪرڻ جو ناٽڪ ڪندي هئي.

سندس نالو عاليه آهي، راهول، ڪس پيار مان ايلي ڪوٺيندو آهي. ٻنهي محبت جي شادي ڪئي هئي. ڪير جيڪڏهن هاٿي به هن کان، ٻنهي جي عشق بابت پڇي (۽ هو جي چاهي) ته ٻڌائي سگهي ٿو ته ڪيئن ٻنهي هڪ ٻئي جي تڙپ ۾ تڙپندا هئا. ڪيئن ۽ ڪهڙين شديد نامناسب حالتن ۾ لڪي، هنن ڪورٽ ميرج ڪئي هئي ۽ اڃا به وڌيڪ مشڪل حالتن مان گذري، تيئن هنن مائٽن کي پنهنجي ڳجهي شاديءَ لاءِ راضي ڪري ورتو هو. اها ٻي ڳالهه آهي ته راهول جي پيءُ مرڻ گهڙيءَ تائين ٻنهي سان پنهنجي ناراضگي برقرار رکي هئي. الائي ڇو هن پنهنجي ننهن عاليه کي جڏهن پهريون ڀيرو ڏٺو هو ته ڪيس ناپسند ڪري ڇڏيو هو. بهرحال انهن مشڪل ترين حالتن دوران، يعني ڳجهي طور تي شادي ڪرڻ ۽ ان کان اڳ راهول ۽ عاليه جي پوري افيئر وقت، هوني ٻنهي سان هر قدم تي ثابت قدم رهيو هو، جو راهول، هن جو جگري دوست هو.

ٻن ٽن سالن کان پوءِ سازگار حالتن ۾ سندن ٻن جي جمڻ جي خوشيءَ کي به هن ساڳئي خلوص ۽ سچائي سان شيئر ڪيو هو، جيئن سندن تڪليفون شيئر ڪيون هيون. اهو سڀ هن لاءِ حقيقي طور تي بي ساخته ٿيڻو هو، جو هو دل جي گهراين سان راهول کي اهڙو دوست سمجهندو هو، جنهن کي محبوبن وانگر چاهبو آهي. انين ڪونه هو ته رڳو هن جي اها ڪيفيت هئي، راهول به هن لاءِ ساڳئي ڪيفيت ۾ رهندو هو. هو اڃا اسڪول ۾ پڙهندا هئا جو سندن دليون، دوستي جي ڌاڳن ۾ پرونجي ويون هيون. ڪيترا سال گذري ويا هئا پر سندن دوستي ۾ ڪڪ جيترو فرق به ڪونه پيو هو. هاٿي به ٽوٽي جو هو ڪنهن کي ٻڌائيندا ڪونهن پر هڪ ٻئي تي انين فدا ٿيندا آهن، جيئن ڪوئي محبوب تي فدا هوندو آهي.

ڪونہ هوندي آهي". پوءِ اهو جني ڪيس لاجواب ڪري ڇڏيو هئائين تہ: "پوءِ بہ جيستائين عاليہ جو سوال آهي تہ هوءَ منهنجي زال نہ، محبوبا آهي. شادي تہ اسان سماجي مجبورين ڪري ڪئي آهي ۽ تون ڏسجانءِ ، هڪ ڏينهن مان ڪيس ضرور پڌانسدس تہ بتول بہ منهنجي زندگيءَ جو اهڙو لازمي حصو آهي، جهڙو هوءَ پاڻ آهي. جهڙو منهنجو بت آهي يا جهڙي نون آهين. نيڪ آهي اوهان سڀني سان منهنجي محبت جون شڪليون الڳ الڳ آهن پر اوهان مان ڪنهن بہ هڪ کان سواءِ مون لاءِ زنده رهڻ، منهنجي تصور ۽ حقيقت ۾ مشڪل ترين آهي."

هو لاجواب نہ ٿي ويو هو پر نيم رضامنديءَ سان راهول لاءِ پرخلوص هو. ان ڪري سندس فليٽ، ٻنهي جي خفيہ ملاقاتن جو مرڪز ٿي ويو. بتول سان ڪيس ڪاني شڪايت ڪونہ هئي پر راهول لاءِ هو اڻڄاتل خوف ۾ مبتلا رهندو هو. جيڪو هو تڏهن جاڻي سگهيو، جڏهن راهول، عاليہ کي پنهنجي ۽ بتول جي باري ۾ آگاهہ ڪيو هو. يقينن راهول، باوجود هڪ وڏي دواساز ڪمپني ۾ نئيڙي ملازم هئڻ جي، ڪوني عام ماڻهو نہ هو، پر عاليہ جو رد عمل ٻنهہ عام عورت جهڙو هو. هن پهريائين تہ راهول سان زبردست جهيڙو ڪيو، جنهن کي هوءَ پنهنجي حق جي ويڙهہ سمجهي ڪري رهي هئي، پوءِ گهڻي مقدار ۾ ننڊ آور گوريون کائي خودڪشي جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن هوءَ بچي وئي تہ هن مڙس کان انتقام وٺڻ جو بدترين فيصلو ڪيو، جنهن جو نشانو رڳو راهول نہ بڻيو بلڪ هو بہ بڻيو. هن کي خبر نہ هئي تہ عاليہ، راهول کان انتقام وٺڻ لاءِ، هن جو انتخاب بہ ڪري سگهي ٿي، جنهن هر ڏک سک ۾ عاليہ جو ساٿ ڏنو هو.

جڏهن کان عاليہ، هن سان محبت جو اظهار ڪيو هو، تڏهن کان هو خوفزده حيراني جو شڪار ٿي ويو هو. هن کي خود بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هو ان ڳالهہ کان راهول کي ڪيئن آگاهہ ڪري. پوءِ بہ هن عاليہ تي اهو چڱيءَ طرح واضح ڪري ڇڏيو هو تہ هوءَ هن لاءِ پاپي جي حيثيت رکي ٿي. پر عاليہ مايوس ڪونہ ٿي، ان ڪري بہ جو هوءَ تہ ناٽڪ ڪري رهي هئي، انتقامي محبت جو ناٽڪ. تنهنڪري هوءَ، هن جي فليٽ تي بہ گهڻو اچڻ وڃڻ لڳي. راهول ۽ بتول احتياط طور پنهنجي ملڻ جي جاءِ مٽائي ڇڏي، هو سمجهن پيا تہ عاليہ کي شڪ پئجي ويو آهي تہ ٻئي هن جي فليٽ تي ملندا هئا. پر اصل ۾ عاليہ کي تہ خبر ئي ڪونہ هئي تہ سندس مڙس، بتول سان هن جي فليٽ تي ئي ملندو آهي، نوٽي جو ڪيس اهو شڪ ضرور هو تہ هُو، مڙسس ۽ بتول جي باري ۾ نہ رڳو چڱي طرح باخبر هوندو، بلڪ ڪنهن نہ ڪنهن طرح هنن جي مدد بہ ڪندو هوندو. پوءِ بہ هن جي فليٽ تي گهڻو اچڻ، خالص سندس انتقامي منصوبي جو حصو هو.

اج بہ هوءَ ان سلسلي ۾ ئي فليٽ تي آئي هئي.

هن فرش تي ڪريل گل ڪنيو ۽ ڪيس ويهڻ لاءِ چئي، باٿ روم مان ڊمپل جي خالي بوتل ۾ پاڻي ڀرڻ لاءِ هليو ويو.

جڏ هن بوتل ڀري ڪمري ۾ آيو تہ عاليہ، ديوار سان رکيل کٽ تي ليٽي پئي هئي. هن کي ڏاڍو خراب لڳو تہ سندس پياري دوست جي گهر واري، هن جي ڪمري ۾ اهڙي نازيبا انداز ۾ ليٽيل هئي. متوقع ڪاوڙ تي قابو پائيندي هن عاليہ کي چيو: "پاپي، ناشتو ڪنديءَ يا ....

هن جو جملو اڻپورو ئي رهجي ويو، جو عاليہ جلديءَ ۾ شعوري مرڪ سان چيو: "پهرئين ڳالهہ تہ تون مون کي پاپي نہ چوندو ڪر، توکي منهنجو نالو نٿو اچي ڇا؟ ۽ مان ناشتو ڪونہ ڪنديس، باقي چانهہ پيارين تہ ....

جاني واڻي هوءَ پنهنجو جملو نامڪمل ڇڏي، اهڙي مرڪ مرڪي، جنهن جو تعلق نہ چيل ڳالهہ سان هو ۽ جنهن کي هو چڱي طرح سمجهي سگهيو ٿي پر هر ڳالهہ کي نظرانداز ڪندي، هن ڪبيريءَ ۾ وجي، رڌ ڪري هيٺ هوٽل تي

آهي - پوءِ بہ هن جو انين ڪرڻ، ڪيس بيحد خراب لڳو ۽ هوءِ بہ هڪ طرفي ڪاوڙ ۾ اٿي وڃي سمهي پئي.

پر هو اها رات بلڪل ڪونہ ستو. ڪيس اهو وڏيڪ سنو لڳو تہ هو سڄي رات نشو ڪري ۽ پنهنجي موت جي باري ۾ مختلف انداز سان سوچيندو رهي. پرهہ ڦٽيءَ مهل هو ڪمري مان اٿي گيلريءَ ۾ آيو. سرديءَ جي آنچل ۾ سمورن فليٽن جون گيلريون خالي هيون ۽ چمڪي روشنيءَ ۾ ڏينهن پنهنجا نيڻ کولڻ پئي چاهيا. ٿوريءَ دير لاءِ زندگي هن کي بيحد خوبصورت ۽ پراسرار لڳي. پوءِ هن ڪجهہ دير تائين ايندڙ شام جي باري ۾ سوچيو. هن کي محسوس ٿيو تہ راهول، عاليہ، ايلينا هو خود، ڪنهن سفاڪ محروميءَ جو حصو آهن، فنا جن جو مقدر آهي. انين سوچي، هن کي ڏاڍي خوشي ٿي. اوچاڳي ۽ نشي کان ٽڪل نيڻن سان، هن دور تائين آسمان کي ڏٺو، جيڪو بي حساب زمانن کان زمين جي انتظار ۾ موجود هو. هيٺ نوڙي هن زمين کي بہ ڏٺو. اُمالڪ اهو سوچي هن کي ڏاڍي لذت آئي تہ هو ڪنهن کي بہ حاصل ڪونہ ٿيندو ۽ ڪڏهن بہ اها ڏمڪي آميز شام، هن لاءِ ڪونہ ايندي. ائين هو پنهنجي جگري دوست جي نظرن ۾ ڪرڻ جي خوف کان بہ محفوظ رهندو.

لمحي لاءِ هن ايلينا جي بدن جي باري ۾، عاشقيءَ جون سرحدون لتاڙي، ڪجهہ غلط انداز ۾ سوچڻ چاهيو پر ساڳئي لمحي ۾ هو انين ڪرڻ لاءِ پاڻ کي مجبور ڪري ڪونہ سگهيو.

ڪمري ۾ موٽي هن بوتل مان نرگس جو گل ٽوڙي، پنهنجي کيسي ۾ انين رکيو جيئن ڪوئي پنهنجي عزيز ترين ماڻهوءَ جي قبر تي رکندو آهي.

گيلريءَ ۾ اچي هن پڪ ڪئي تہ سڄ اڃا ڪونہ اڀريو آهي ۽ ايلينا جي گيلري اڃا خالي آهي. پوءِ سندس گيلري بہ خالي رهجي وئي.

چوٿين ماڙ جي گيلريءَ مان پاڻ اڇلائيندي، نرگس جو گل، سندس کيسي ۾ ئي پيل رهيو، جيڪو ڪلهہ ان گلدستي مان رهجي ويو هو، جو هن ايلينا کي ڏنو هو.

سليم چنا

# صحرا جو چنڊ سهڻو آهي

سماج لاءِ تنهنجا خيال ڪمزا هئا، سي مون تنهنجي ڊائري مان پڙهي ورتا هئا.

لکيو هئني: "ريتن جي رڻ پٽ ۾ اڪيلي آهيان. ڪن صدين کان منهنجو ني وجود هن صحرا ۾ اوپرو، اوکو، اناولو ۽ اجايل رهيو آهي. الاءِ رڃ ڪڏهن ختم ٿيندي؟ ڇا هن سڃ ۾ ڪاڻ ساوڪ نه اُپرندي؟ ڇا ڪانڌ ندي هتان نه وهندي؟ ڇا تا ابد منهنجي من ۾ اڃ ئي اڃ هوندي...؟؟"

لکي ڇڏيو هئم تنهنجن هنن جملن جي هيٺان فقط هيءُ ننڍڙو جملو: "رڻ پٽ مٿان ڪڏهن رات جي آسمان جو حسن به ڏسندي ڪر؟"

هڪ مهيني کان پوءِ مون سان ملندي چيو هئني: "پنهنجين شاگرديائين سان ٿر گهمڻ وئي هئس. ڊائري ۾ تنهنجو لکيل جملو اتي ئي سمجهه ۾ آيو هئم، بجليءَ جي روشنيءَ مان نڪري جڏهن ٿر مٿان ستارن جي ڪهڪشان ڏٺي هئم، نه لڇي ٿي ويئي هئس: ۽ نگاهه آسمان تان هٽائي نٿي، نرم، واريءَ تي ڪپاني ڇڏيو هئم ايترين ٿري نينگرين مان الاءِ ڪنهن آهستي چيو هو:

"چنڊ اڪ پکي اٿس"

۽ مان ڪيتري دير تائين نگاهه مٿي نه ڪٽي سگهي هئس نه ئي ڪنهن سان ڳالهائي سگهي هئس "صحرا جا سارا منظر رات جا عاشق آهن. رات جيڪا ستارن جي جگ مگ سان جرڪي ٿي. ۽ صحرا جي واري جڏهن نري ٿي تڏهن صدين جا ٿڪ لهي پون ٿا. جڏهن چنڊ جي روپ مان هُن جو من موهيندڙ روپ مون کي اڪ پيجي ٿو. تڏهن پنهنجي وجود جي سندرتا جو سونهن جو ۽ سک جو احساس اُڀري ٿو". چيو هئم توکي: توهان ڇوڪريون به ڊائريءَ ۾ جيڪي جملا لکيو ٿيون اُهي توهان جي دل جي دنيا جون آسون، اميدون ۽ تمنائون آهن. انهن ۾ دل جو درد ته آهي پر ڏک سهڻ لاءِ ڪوبه دليل نه آهي. ڇا هيءُ ست ڪنهن دليل کان گهٽ آهي...؟

"ڏيڪاريس ڏکن. گونڌر گس پرٽينءَ جو".

نري ويل چانهه جو ڍڪ پريندي دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳي هئينءَ. تنهنجي نظرن سامهون هڪ وڻ هو جنهن ۾ جهرڪين جا آکيرا هئا. سمجهي ويو هئس تنهنجي من ۾ ڇا هي؟

"اهوني نه... نه... آس جو آکيرو جوڙي سگهين". توکي اداس ڏسي ڪمري مان ٻاهر وٺي آيو هئس. ۽ پراڻي سرڪاري ڪوارٽر جي اڱڻ ۾ ويهي توکي پنهنجي پوکيل ان نم جي ڇانوَ ۾ ويهاري چيو هئم: "هو توسان ڪيل وعدو ضرور پاڙيندو. جنهن ولايت ۾ اڃا سوڌو شادي نه ڪئي آهي سو توسان ڪيل وچن ئي نه پاڙڻ خاطر نه...؟؟" تون چو نه ٿي ڇهه مهينا ٻيا به انتظار ڪرين

"هو ڪنهن گوريءَ سان شادي ڪرڻ کان سواءِ ئي موٽي ايندو...؟" تو پڇيو هو.

"ڇو نه"!

"پلا ڪيئن...؟"

"او - انين...! ٻري کان "ٽيون ٽيون" ڪري ايندڙ طوطي ڏانهن تنهنجو ڌيان ڇڪرائيندي چيو هئم: "ڏسجانءِ هن نم تي ئي اچي ويهندو". اسان ڏٺو هو طوطو ۽ طوطي ڪيڏو نه خوش ٿيا هئا. توکي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي

آهي. اُهي سڀ تنهنجون امانتون ئي تہ آهن.

اڄ انهن پنن تان پنهنجا نانءُ مٽائيندو مٽائيندو ڪينجيءَ سان فوٽا ڪتري توکي پاڻ کان پاڻ ئي جدا ڪندو لفافي ۾ سانڍي، توکي هڪ الوداعي خط لکي لفافو بند ڪري، تنهنجي ننڍڙي ياءُ جي هٿ ۾ ڏيڻي هليو آيو آهيان. تون اهو خط پڙهي مون کي معاف ڪري ڇڏجانءِ.

پنهنجين تصويرين ۽ ڊائريءَ جي پنن جي پاڻ ئي حفاظت ڪجانءِ. ۽ پنهنجي چنڊ جي چاهت ۾ خوش رهجانءِ، منهنجي ڪوارٽر جي نم تي رهندڙ طوطن اِلاءِ ڪٿان هي جملو رٽيو آهي.

"صحرا جو چنڊ سهڻو آهي".

۽ ها شاديءَ جو سال پوري ٿيڻ تي، توکي تنهنجو چنڊ مبارڪ...!!



روشي (چين)

يوسف سنڌي

# سـريـت

هو کلون وکڻڻ جو ڪم ڪندو هو. ڳوٺ ۾ شڪارين کان کلون خريد ڪري شهر وچي وڪڻي ڇڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻنين ۾ مزدوري بہ ڪندو هو. گهڻو تڻو اونهاري جي منڊ ۾ ٻين جي ٻنين ۾ وير ڪرڻ جو ڪم ڪندو هو. ان ڪم ۾ کيس سٺي مهارت هئي. ڪڻڪ جي ٻوٽن کي ڏاڍي سليقي سان سڌو قطار ۾ هڻندو هو. تنهن ڪري هاري خوشيءَ سان کيس پنهنجي ٻنين ۾ ڪم ڪرائيندا هئا. اينري محنت ۽ هڻ وٽ جي باوجود بہ آمدني اينري تہ گهٽ هئس جو سندس گهر ٻار جو ڪاروبار هلڻ ڏاڍو ڏکيو هو. گهرو خرچن ۾ هر ممڪن گهٽتائيءَ جي باوجود بہ مٿس قرض ڏينهون ڏينهن وڌندو پي ويو. ان غربت ۽ مفلسيءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ کيس جوا ۽ شراب جي بہ عادت پئجي ويئي هئي. جنهن ڪري چيزاه ٿيندو پي ويو. مفلس ۽ ڏينهون ڏينهن قرضي هئڻ سبب کيس وڌيڪ قرض ملڻ بہ ڏکيو ٿيندو پي ويو. اينري قدر جو هاڻ ماڻهو کيس هڪ ڪوڏي ڏيڻ کان بہ لنوائيندا هئا.

مفلسيءَ سان گڏوگڏ مسلسل بيمار بہ رهڻ لڳو هو. جنهن کيس وقت کان اڳ پوڙهو ۽ نبل بنائي ڇڏيو هو. سندس پيلو چهرو ڪنهن ريگستان جو ڏيک ڏيڻ لڳو هو. سندس اکين جي اڇاڻ، زردي جهڙي نظر اچڻ لڳي هئي. ماڻهن جو خيال هو تہ کيس يرقان ٿي پيو آهي. شايد اهو ئي ڪارڻ هو جو ٻارڙي جي ٻارن سندس نالو "زردو" رکي ڇڏيو هو. هڪ ڏيهاڙي غربت ۽ افلاس کان تنگ ٿي پنهنجي زال کي چيائين: "مون کي هاڻ هنن معاشي مجبورين مان ٻاهر نڪرڻ جو ڪوبہ رستو نظر نہ پيو اچي. لڳي ايئن پيو تہ نہ فقط اسان کي گهر ۾ ٻچيل بہ چار ٿانوَ وڪڻڻا پوندا پر هڪبني کان جدا بہ ٿيڻو پوندو. هن ريت گڏ رهي بک مرڻ مان ڪهڙو فائدو؟"

"ڇا اسان کي هڪبني کان ڌار ٿيڻو پوندو؟ .... "

سندس زال ٻڙ ٻڙ ڪندي جيڪا چلهہ جي ڀرسان پنهنجي ٽن سالن جي ٻارڙي کي ڪڇو ويٺي هئي. "ها، لڳي ائين ٿو تہ اسان کي ڌار ٿيڻو پوندو. ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي." هن دبيل لفظن ۾ چيو: "هڪ شخص آهي جيڪو عارضي زال طور توکي ڪجهہ وقت لاءِ ٻارڙي ٿي وٺڻ ٿو گهري .... "

"ڇا --؟" زالڪنس ڳالهہ ٻڌي اٻي ٿي ويئي ۽ سواليہ نظرن سان، بدحواسيءَ جي عالم ۾ کيس گهورڻ لڳي.

ڪجهہ دير خاموش رهڻ کان پوءِ مڙسڪنس هبڪندي چيو:

"تي ڏينهن ٿيا آهن جو وانگ لانگ آيو هو. ڳچ دير تائين پنهنجي قرض جي واپسيءَ جي تقاضا ڪندو رهيو. هن جي وڃڻ کان پوءِ سندس ڳالهيون منهنجي دل ۽ دماغ کي ڏنگڻ لڳيون. ٻزار تي ڊنڊ جي ڪنڌيءَ تي وڻ جي هيٺان ويهي آيڳهات جي باري ۾ سوچڻ لڳس. مون سوچيو تہ وڻ تي چڙهي ڊنڊ ۾ ٽپو ڏيان ۽ مري وڃان، پر منهنجي همت جواب ڏيئي ويئي ۽ مون پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو. ان دوران هڪ ڇيرو ڏاڍي ڀيانڪ ۽ منحوس آواز ۾ ٻوليندو رهيو مان گڀرائجي گهر موٽڻ لڳس. واپس ورندي مون کي مشاط شن ملي ويئي. هن مون کان هيتري رات جو اتي هئڻ جو سبب پڇيو. مون کيس سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي ۽ چيومانس تہ مون کي ڪتان اوڌر وني ڏي يا ڪجهہ زنانا ڪپڙا ۽ زيور هٿ ڪري ڏي تہ گروي رکي وانگ لانگ جي قرض مان جند ڇڏايان جيئن هو ٻيهر قرض جي واپسي لاءِ منهنجي گهر جا چڪر هڻڻ بند ڪري. منهنجي ڳالهہ ٻڌي مرڪي چيائين:



ي 'ارمغان' ۾ ١٦ آگسٽ تي محترم عبدالڪريم بلوچ هٿان ٿيو. تصويرن ۾ ساڄي کان کاٻي: ناول جو پبلشر فيروز ميمڻ، مهورتڪار
دق فقير ۽ نصير مرزا). ساڄي کان هيٺ: تنوير جوڻيجو، صحر امداد، گلبدن جاويد، رسول بخش پليجو، عبدالقادر جوڻيجو، تاج جويو،
انوارن مهانن، آغا سليم، علي بابا ۽ مراد علي مرزا سان خوشگوار موڊ ۾

پروگرام جي پڄاڻيءَ تي خاص مهمان عبدالڪريم بلوچ صاحب پنهنجي تفصيلي گفتگو ۾ چيو: "جيتوڻيڪ اليڪٽرانڪ ميڊيا جو دؤر آهي ۽ وقتي ناول جي اهميت گهٽتي آهي پر ان جي باوجود بہ پرنٽ ميڊيا جي پنهنجي اهميت آهي ناول جي پنهنجي اهميت آهي، ڇاڪاڻ تہ ٽي وي ڊراما ۽ ٽي وي ادب هوا جي آڌار غائب ٿي وڃي ٿو، جڏهن تہ لکيل چيز هڪ رڪارڊ جي حيثيت رکي ٿي ۽ قائم ۽ دائم رهي ٿي." عبدالڪريم بلوچ صاحب جي تقرير کان پوءِ سلسلو مانيءَ جو هئو ۽ ان کان پوءِ راڳ رنگ، صادق فقير ۽ آغا ثنا الله محفل کي گرمائڻ لاءِ موجود هئا، ٺيڪ ٻارهين وڳي محفل جو اختتام ٿيو.

•




خواب، خوشبو، ڇوڪِري جي ٽائيٽل جو عڪس

"Your enemies can harm you for a while but cannot kill out spoken and brave Hameed." مون سوچيو ۽ سوچيندو رهيس. اشفاق مون کان وڌيڪ Out spoken ۽ Brave هيو. هُن ڪينسر جهڙي موذي مرض سان مقابلو ڪيو. اصل ۾ هُن موت سان ويڙهه ڪاڌي. جيت ڪنهن جي ٿي....؟

مون سوچيو، موت ۽ حيات ته گڏ رهندا آهن. اشفاق جهڙو ماڻهو ڪيئن مات کائي سگهي ٿو. صبح جو ڏڌي تي ويس. عبدالله ميمڻ صاحب مليو ته پاڪر ۾ ڪا دير جهلي ويهي رهيو. "اشفاق ۽ تون ڪڏهن الڳ نه هيا. مون کي تعزيت توسان ڪرڻي آهي." اکين ۾ پاڻي پرجي آيم. اُستاد بخاري گذاري ويو، مان چپ ڪري ويهي رهيس ته من کو مون سان به تعزيت ڪري. پر اُن عيوض گاريون به کاڌم ۽ مهڻا به. اڄ ڏسان ته مڙيوئي ماڻهو رڙهندا اچن. ابرار



حميد سنڌي ۽ مرحوم اشفاق قاضي پڪڊلي سرڪس لنڊن ۾ ڦوهاري آڏو

امتياز ۽ اعجاز سان ملي اچيو مون سان ملن ۽ پرم رهجي آيم. ماڻُ مٿاهون پانيم. سنڌس نياڻيون ۽ پينر روئندي ڏنم ته وڏي مٿي تي هٿ رکيومانِ. پنهنجو پاڻي جهجي پيون. پٽي اشفاق جون ڳالهڙيون چوريونسين. ثانيا ته بس ئي نه ڪري. نشاط جون اکيون روئي روئي سڄي پيون هيون. شام جو ٽيجهو هو. راڄ اچي گڏ ٿيو. سنڌس عزيز ۽ پراڻا ساٿي: هدايت الله جوکيو، امداد جوکيو، اياز جوکيو مليا ته پراڻا چاڪ چڪي پيا. ابرار، اعجاز ۽ امتياز ڦريو پيا ڦرن. ڪين چڻ هوش نه هو. اشفاق جو نينگر فيصل چپ چاپ ڪم ۾ رڌل هيو. سڏيانس ته ويهه، پر ويهي ئي نه. هو ڳوڙها لڪائي ڪم ڪندو رهيو. خيرپور مان آيل اشفاق جو پيارو پاٽيجو 'اظهار' سڪ سان مليو. مامي اشرف، جا نينگر مليا. سيئي ويڳاڻا چڻ اڳواڻ بنا عوام. سليم، ناصر، نثار خواجه، قمر شهباز ۽ ٻيا دوست رڙهي آيا. ماني ۾ اڃا دير هئي. ڪنهن ڪولڊ اسپاٽ تي بوتل پيئڻ نڪري پياسين. اشفاق کي ياد ڪندي هر هڪ جهجي پيو. قمر پراڻيون ڳالهيون ٻڌائي بس ڪري ته نثار پنهنجيون ڳالهيون ٻڌائي. ناصر به واري سان ڳالهائيندو رهيو، پر سليم ۽ مان ماٺ هياسين. ٽيجهي جي ماني هلي پئي. سرڪاري گهر وارو لان ڀريل هو. الانجي ڇو مون کي سنڌس حيدرآباد وارو

گھر ۾ اُن جو لان ياد آيو. سندس والده ۾ پاڻ بيھي اُھو گھر ٺھرايو ھنانون. "زبيده ولاز" نالو ڏنو ھنائينس. اُن لان ۾ جڏھن سندس ڪتنب سان ويھندو ھئس تہ سڀني پاڻن پيئرن ۾ والده جي محنت کي ڏسي خوشي ٿيندي ھئي. ڪوڪر محلي جي ھڪ سادي جاءِ ۾ رھندڙ ھڪ خاندان ڪيئن ڪمال کان زوال ڏٺو ۽ ڪيئن گھرڙو اڏيو ۽ وڌيءِ محنت سان ڪمال تي پھتو. ويني وٽي سندن پراڻي پياري خدمت گذار واحد بخش کي سڏ ڪندو ھيس، "واحدو! مينو ۾ ڇا آھي؟" ھُو ھوٽل جي بيري وانگر بہ چار شيون ٻڌائي ويندو ھيو. ڏاڍي پابوھہ سان ماني ٻوڙ چانور ٻيا طعام ڪٿي اڳيان ڪندو ھيو. ماں يڪدم کيس چوندو ھيس: "واحد بخش اصل مينو ڪاٿي آھي؟"

ھو ڪِلي دال ۾ پيندبون ڪٿي ايندو ھيو. مون کان ڪوڪر محلي واريون پيندبون دال نہ وسري ھئي. اشفاق مرڪي شامل ٿيندو ھيو ۾ گھٽيون شيون مون ڏي سوريندو ھيو. ھن گھر ۾ بہ سندس پيار سان ماني کارائڻ مون کان نہ وسريو ھو. ٿيجھي حي ماني آئي. سڀني طعام مون ڏانھن سوريا پر اُھو ھٿ نہ ھو. مون ڪٿي ھٿ جھليو. ٻاھر نڪري بيٺس. اوچتو سندس ھڪ ويجھي ۽ پياري دوست لمان تي نظر پيم. ڀاڪرين پياسين. يادگيرين جا انبار ھيا. ڪھڙا ورجائي ڪھڙا ورجائجن. مون کي لمان جي آفيس ۾ ڪچھريون ياد آيون. آھستي آھستي گيٽ کان ٻاھر نڪري آيس، مون کي اسلام آباد وڃڻو ھيو. دوست حميد آخوند مليم. ھو ڏاڍو ڏکويل تہ ھو پر ھمدردي مون سان ڪندو رھيو. پوئين ڏينھن ۾ اشفاق سان گڏ بينو رھيو. گورنر ھائوس وارو وقت حميد آخوند جي اُتي ھجڻ سان سولو ڪٽجي ويو. ھونئن بہ حميد آخوند دوستن سان نڀائي ڄاڻي. جھاز جو ماحول اُھوني ھو ڏٺل وائنل گس پنڌ جيان. جھاز اُڏاميو تہ سمجھيم تہ مان پاڻ بہ اُڏامان پيو. لڳم اشفاق گڏ اٿم.

"ڪاڏي ھلبو ويو ھئين يار!"

"توسان گڏ تہ آھيان"

"ويھہ ڳالھيون تہ ڪر"

"حميد! ڳالھيون ڪوڙ پر وقت ڪتي پيو آھي. مھلت ملي تہ وري ملنداسين."

اک ڪلي پئي. اُت ڪجھہ بہ نہ ھو. دري مان ٻاھر ڏٺم. ڪڪر دونھي مثل ھيا، سڀ ڪجھہ دونھاٽيل. لڙاٽيل حياتي جيان. آسمان ۾ بہ ڪجھہ نہ ھو. اج بہ جڏھن کيس ياد ڪندو آھيان تہ وقت جي رفتار کيس دونھاٽيل ڪڪرن ۾ لڪائي ڇڏيندي آھي. سندس وجود ھڪ ھرُ جو جھوٽو ھوندو آھي، فرحت بخشيندڙ پر جھٽڻ مھل ڪجھہ بہ نہ، ھٿ خالي.

تو لئہ تڪيندي ڏيا اُجھاڻا،
ڇــو ڪــونہ آئــين تــون رات راڻا!
(اياز)

۽ آئون آهيون، ٻن مسي جهاز تي پهچي هڪڙي ڪئبن ۾ وڃي رهي ٿئو. مسافر جڏهن جهاز ۾ پهچي وڃن ٿا، تڏهن جهاز سڀسون وحانسدو لنگر کٽي ٿو ۽ کلئل سمنڊ ڏانهن وڌي ٿو. آئون ڪئبن مان نانا کان نظر بچائي دوڙي ڊيڪ تي وڃا ٿو ۽ بندر ڏانهن ڏسان ٿو، جتي اجا نانين ماڻهو هٿ لوڏيندا جهاز کي الوداع چئي رهيا آهن. ڊيڪ تي ٻيا به مسافر آهن: انگريز، هندوستاني، مسقط ۽ اومان/عمان جا رهاڪو، عورتون ۽ مرد، سڀني جي چهرن تي سرهائي ڏسجي ٿي.

پهريان ٻه ڏينهن سمنڊ جي سطح سانتيڪي آهي. جهاز آرام سان پنهنجي، منزل ڏانهن وڌندو پيو وڃي. پر هڪڙي ڏينهن هوا جو رخ ڦري ٿو ۽ سمنڊ ۾ رکي رکي پهاڙ جيڏيون ڇوليون اڀرن ۽ لهن ٿيون. جهاز ڪڏهن ساڄي پاسي جهڪي ٿو ته ڪڏهن کابي طرف. ڪئبنن ۾ ۽ ڊيڪ تي مسافر الٽيون ڪري ڪري ساڻا ٿي پون ٿا. نانا مون کي ڪئبن مان ٻاهر وڃڻ نه ٿي ڏي. هر وقت پاڻ سان گڏ ويهاريو ويٺي آهي. هڪڙو ڏينهن ۽ هڪڙي رات سامونڊي لهرون جهاز کي لوڏينديون رهن ٿيون ۽ مسافر ساڻا ۽ بي حال ٿيندا رهن ٿا. ٽيئن سمنڊ جي مٿاڇري تي مانار پکڙجي وڃي ٿي. مسافر ڪئبن مان آهستي آهستي نڪري ڊيڪ تي وڃن ٿا. سمنڊ سانتيڪو آهي ۽ جهاز آرام سان اڳتي پيو وڌي.

هڪڙي ڏينهن آئون ڪئبن مان نڪري ٻاهر اچان ٿو ۽ جهاز جي هڪ پاسي واري جهنگلي وٽان هيٺ سمنڊ ڏانهن ڏسان ٿو. هيٺ سمنڊ جون ڇوليون جهاز جي پاسي کي لڳي گجي يا ڪجي؟ ٿيون وڃن. آئون انهن کي غور سان ڏسان ٿو. اوچتو منهنجي ڪلهي تي ڪو ماڻهو هٿ رکي مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. آئون ڪنڌ ورائي ڏسان ٿو. هڪ انگريز جنهن کي اڇي قميص، اڇي پتلون ۽ اڇي ٽوپي پاتل آهي، مون کي اتان لاهي وٺي هلي ٿو. آئون هن ڏانهن ڏسندو رهان ٿو ۽ هو هر هر منهنجي وارن ۾ آڱريون وجهي مٿي ۾ ڪتڪتاڻي پيو ڪري. ايتري ۾ سامهون لالا نواز علي نڪرو تڪڙو اچي منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وجهي ٿو. انهيءَ تي اهو انگريز هن کي ڪي چوي ٿو ۽ لالا ڪنڌ لوڏيندو مون کي ڇڪيندو ڪئبن ۾ پهچي ٿو.

"پغي، علي بچائي (منهنجي، پيار جو نالو) کي سوگهو ڪري پاڻ وٽ ويهار" ، هو نانا کي ٻڌائي ٿو. "انگريز چوي ٿو ته هيءَ ٻار مون کي ڏيو ته آئون نپايان" . نانا "اني منيس" چئي مون کي پنهنجيءَ هنج ۾ لڪائي ٿي.

هاڻي نانا مون کي ڪئبن مان ٻاهر نڪرڻ نه ٿي ڏي. مون تي ڪڏهن نانا نظر رکي ٿي ته ڪڏهن ماني زينون، آئون ڪئبن ۾ بند آهيان. ستين ڏينهن جهاز بصري جي بندر تي پهچي لنگر هڻي ٿو. اسان جو ننڍڙو قافلو جهاز مان لهي شهر روانو ٿئي ٿو، جتان بصري جي ريلوي اسٽيشن تان ريل گاڏيءَ ۾ سوار ٿئي ٿو.

ريل گاڏيءَ ۾ گهڻا ماڻهو ڪونهن. پر اسين جنهن گاڏي ۾ ويٺا آهيون ان ۾ هڪ عرب، جنهن کي ڪاري قبا پيل آهي ۽ مٿي تي رومال ۽ ڪارو ڏورو ٻڌل آهي، چڙهي اچي ٿو. هو ان برٿ تي ويهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جيڪا اسان رزرو ڪرائي آهي. لالا هن کي گهڻو ٿي سمجهائي ٿو، پر هن کي اتي ويهڻ جي ضد آهي. لالا نواز علي جو اهو ڪو پهريون سفر ڪونهي. هن اڳ به هرهائينس ميرنور محمد خان ٽالپور ۽ منهنجي ڏاڏي مرزا بدل بيگ سان ڪيترائي ڀيرا عراق جو سفر ڪيو هو. هو نه رڳو عراق جي ماڳن مڪانن کان واقف آهي، پر عراق جا ۽ خاص ڪري ڪربلا ۽ نجف جا ڪيترائي ماڻهو هن کي ڄاڻن سڃاڻن ٿا.

هيءُ اهو زمانو آهي،جڏهن عرب جي سر زمين مان سون جاگرم چشما اجان ڦٽي نه نڪتا آهن. اجان عرب ملڪن جي معيشت جو گهڻو مدار هندوستان ۽ ٻين ملڪن جي انهن مسلمان امير ڪبير حاڪمن ۽ ماڻهن تي آهي، جيڪي هر ڇهين ٻارهين مهيني انهن مقدس جاين جي زيارت لاءِ اتي وڃن ٿا ۽ مذهبي عقيدي جي اثر هيٺ

جوان مائي ٻيڙيءَ کي اڳتي ڏکيندي وري واپس ان جي مهڙ ڏانهن پئي وڃي. اني پٺيان هوءَ ونجهه کي ٻنهي هٿن ۾ جهلي ڪلهي جو زور ڏئي هلڻ شروع ڪري ٿي. آئون هن کي غور سان ڏسان ٿو. هوءَ آهستي آهستي وڪون کڻندي ٻيڙيءَ جي پڇڙي تائين اچي بيهي رهي ٿي. هوءَ ٿڌو ساهه کڻي ٿي. هن جي منهن مان ٿڪاوٽ پئي ڏسجي هوءَ ونجهه رکي پنهنجيءَ سس وٽ اچي ٿي. جيڪا رڇ اُڻ ۾ لڳي پئي آهي. ٻيڙي پاڻيءَ ۾ هوريان هوريان پئي هلي.

هاڻي وهي جڙهيل مائي رڇ مان هٿ ڪڍي اٿي ٿي ۽ ونجهه کڻي ٿي هينئرءَ هن جو وارو آهي. جوان عورت وري وڃي ٿي رڌ پچاءَ کي لڳي ۽ مڙسس رڇ اُڻ شروع ڪري ٿو.

"اهي پرديسي پکي آهن. جيڪي سياري جي مند ايندي ئي روس مان اڏامندا هزارين ميل سفر ڪندا اچي هن ڍنڍ تي لهندا آهن" ، تاج صحرائيءَ جا اهي لفظ ٻڌي منهنجو ڌيان وري انهن پکين ڏانهن وڃي ٿو. جيڪي ڏاڍي آرام سان پاڻيءَ جي مٿان اُڏامندا پيا وڃن. انهن مان ڪي ته هٽ شڪار ٿي ماڻهن جو کاڄ ٿي ويندا آهن. ۽ جيڪي بچندا آهن، اهي گرميءَ جي مند ايندي ئي واپس پنهنجي وطن روس ڏانهن اڏامي ويندا آهن" . تاج صحرائي ڳالهائيندو رهي ٿو. "هن جي شڪار جو هٽ هڪ خاص طريقو آهي. شڪاري رات جو پاڻيءَ ۾ لهندو آهي."

"هميشه سياري ۾؟" آئون وچ ۾ پڇان ٿو.

"هائو. اها ته موسم آهي پکيءَ جي شڪار جي" ، هو چوي ٿو. "شڪاري اهڙن ئي پکين مان شڪار ڪيل هڪ پکيءَ جي کل جو ٽوپلو مٿي تي پائي هوريان هوريان اتي ويندو آهي جتي رات جو اهي پکي آرام سان ويٺا هوندا آهن. هن جي هڪ هٿ ۾ وڏي ڳوٿري هوندي آهي. پکي سمجهندا آهن ته اهو سندن سٿ جوني ڪو پکي آهي. ان ڪري سانت سان ويٺا هوندا آهن. شڪاري ويجهو پهچي ٻئي هٿ سان پکيءَ جون ٽنگون جهلي ست سان هيٺ پاڻيءَ ۾ جڪي کڻي ڳوٿريءَ ۾ وجهندس. اهڙيءَ طرح جڏهن ڳوٿري پکين سان پرجي ويندس تڏهن ماري پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري ايندو ۽ شڪار ڪيل پکين کي وڃي دونديءَ يا هوڙهي ۾ رکندو" .

اهو ٻڌي ٻيڙيءَ وارو جوان شخص رَڇ هڪ پاسي رکي اسان جي ويجهو اچي ٿو. پهرين هو ٻيڙي دڪاني ان مان ڦوڪ ڀري وات ۽ ناسن مان دونهون ڪڍندي چوي ٿو:

"سائين، پکي مارڻ جو هڪ ٻيو به طريقو آهي" . هو ٿورو ڪنگهندي وري چوي ٿو. "هيءَ ڍنڍ سچ پچو ته مڇي، پکي ۽ گاهه جو گهر آهي. هٽ ڪيترن ئي قسمن جي مڇي ٿئي: هٽ طرحين طرحين جا پکي اچن ٿا ۽ هٽ پاڻيءَ ۾ ڳنيل ٻيلا ملن ٿا، جتي پڻ، ٻهه، لوڙهه ۽ ٻوراٽي جام ٿئي ٿي" . هو وري ٻيڙيءَ مان سوٽو هڻندي چوي ٿو، "سو مون ڳالهه ٿي ڪئي پکيءَ جي شڪار جي. ماري رات جو پاڻيءَ ۾ سڌيءَ ليڪ ۾ ڪير هڻي انهن ۾ پاڻيءَ جي مناڇري تي ڄار ٽنگين. ان کي ونجهه آڏ يا پوٽي چون. پکي پاڻيءَ تي ويٺا هوندا آهن. صبح ٿيندو ته شڪاري پکيءَ تي نظر رکن ته جيئن اتان اڏامي نه وڃن. پري کان ڪا ٻيڙي يا هوڙهو ايندو ته هڪل ڪري چوندا ته پاسو ڏئي وڃ. اهڙيءَ ريت اهي ويچارا سڄو ڏينهن پکيءَ تي پهرو ڏين. پوءِ رات ٿيندي ئي ٻاهه جا اومڙ ڏئي پکيءَ کي ونجهه طرف اُڏائين. پکي تاهه ڪائي اُڏامندو ۽ اونده ۾ ڄار سان ٽڪرائجي ان ۾ ڦاسي پوندو ۽ شڪاري وڃي جهليندو."

"اهو شڪار سياري جي هن ٿڌي موسم ۾ ٿيندو آهي" ، مولوي ڳالهه کي پورو ڪري ٿو.

پوڙهي مائي ونجهه هلائي ٿڪجي پوي ٿي. هوءَ پٺس کي سڌي ٿي جيڪو اسان وٽ ويٺو آهي. هو اٿي ماءُ وٽ وڃي ونجهه وٺي ٿو ۽ مائي موٽي وڃي رڇ اُڻ جو ڪم ڪري ٿي.

ٻيهر گذري وڃن ٿا. سياري جي اُس ۾ ٿڏاڻ آهي ۽ فرحت پئي محسوس ٿئي. مولوي ايندي ۾ اسان جي اڳيان چادر وڇائي ٿو ۽ ڪاڏي جون شيون ڪڍي پليٽن ۾ رکي ٿو. اسين مائي ڪاڻ کان اڳ ٻيڙي وارن کي صلاح ڪريون ٿا،

تارا وڏيڪ پيا چمڪن ۽ چلڪن. لڳي ٿو تہ تارا هيٺ لهي آيا آهن يا وري زمين آسمان ڏانهن مٿي چڪجي وئي آهي. منڇر جي مٿاڇري تي رکي رکي تارن جو عڪس لڏي ٿو. سامهون حد نظر تائين پاڻي ۽ آسمان پاڻ ۾ مليل ويا آهن. آسمان تي هڪڙو تارو ڪڙي ٿو ۽ منڇر جي پاڻيءَ ۾ ٽپي هيٺ غائب ٿي وڃي ٿو. اوچتو مون کي سيءُ ٿو محسوس ٿئي ۽ آئون اتان اٿي ڪمري ۾ وڃا ٿو. سيني ساٿي ستا پيا آهن. آئون بہ هنڌ ۾ ويڙهجي ليٽي پوان ٿو. اکيون پورجي وڃن ٿيون.

اوچتو اک کلي ٿي. سيني جاڳي اٿيا آهن. اجا پنيرڪو آهي، پر مولويءَ اسان لاءِ چانهہ ٺاهي رکي آهي. سيني چانهہ تي مڙون ٿا ۽ هڪ ٻئي جي خيريت پڇون ٿا. سيءُ وڏي ويل آهي ۽ گرم گرم چانهہ جي چسڪين مان ڏاڍي فرحت پئي محسوس ٿئي

آئون دري کولي ٻاهر ڏسان ٿو. سامهون منڇر پکڙي پئي آهي ۽ آسمان ۾ اوڀر طرف اُجالو پکڙبو وڃي. اسين سيني ضروري ڪمن کان واندا ٿي تيرن ڪري، پل اوور ۽ ڪوٽ پائي ٻاهر نڪرون ٿا. ٻاهر اتر جي ٿڌي هوا هالار جبل وٽان لهندي اسان کي وڪوڙيندي پئي وڃي. اسين منڇر ڍنڍ جي اتر - اولهہ پاسي هالار جبل ڏانهن وڃون ٿا. سج اجا ڪني نہ ڪڍي آهي. آسمان ۾ پرهہ ڦٽيءَ جو اُجالو آهي. ان ٿڌي اُجالي ۾ اسين هلندا وڃون ٿا. پٿريلو ميدان، جيڪو هوريان هوريان جبل جي ويجهو ٿيندو وڃي. رستي تي پٿر پيا آهن، پٿريون پکڙيون پيون آهن.

اوچتو سامهون جبل جي هڪ لڪ مان هڪڙو شخص ظاهر ٿئي ٿو. هن جي پٺيان هڪ اُٺ پيو اچي جنهن جي مهار هن جي ٻانهن ۾ ويڙهيل آهي. اسين هڪ ٻئي جي ويجهو پوندا پيا وڃو. هاڻي اسان سيني جو ڌيان ان شخص ۾ آهي. هن جا پير اگهاڙا آهن، سوٽي ڪپڙي جي گوڏ ٻڌل اٿس، جيڪا گوڏن کان ٿوري هيٺ تائين آهي. ململ جو ميرو چولو پاتل اٿس، جيڪو هنتان هُتان ڦاٽو پيو آهي. مٿو ۽ ڪن هڪڙي ميري پوتڙي سان ويڙهيل اٿس. اسين هڪ ٻئي جي ويجهو پهچي بيهي رهون ٿا. مسڪيني ۽ بيوسيءَ جو هڙو نمونو ڏسڻ کان پوءِ اسان جي زبان مان ڪو لفظ بہ نہ ٿو نڪري. اهو شخص پنجويهن ورهين کن جي جمار جو ڏسجي ٿو. هو سنهڙو ۽ سڪل آهي ۽ اکين ۾ ننڊ ڀري پئي اٿس.

"ابا، ڪر خبر. ڪير جوان مڙس آهين ۽ ڪٿان پيو اچين؟" نيٺ تاج صحرائي هن کان پڇي ٿو.

"سائين، ڪانر آهيان"، اهو شخص ٻڌائي ٿو. هن جو آواز بہ ٿڪل ٿو لڳي. "جبل جي پٺيان ڳوٺ اٿم، اتان پيو اچان."

هن جي پٺيان اُٺ جي ٻنهي پاسن تي ڪانين جو ڀريون ٻڌل آهن. اٺ بہ آرام سان بيهي رهيو آهي.

"ڀائون، ڪهڙي وقت ڳوٺان هليو آهين؟" آئون هن کان پڇان ٿو.

"سائين، ڪالهہ رات اتان هليو آهيان"، هو آرام سان جواب ڏي ٿو.

"سڄي رات پنڌ ڪيو اٿئي؟" آئون حيران ٿيندي وري هن کان پڇان ٿو.

"هانو. هاڻي شاهہ حسڻ ويندس. ڪانيون وڪڻڻ"، هو اٺ تي لڏيل ڪانين جي ڀرين ڏانهن ڏسندي اسان کي چوي ٿو.

"پوءِ وري پنهنجي ڳوٺ ويندين؟" جويو صاحب هن کان پڇي ٿو.

"هانو سائين، وري ڳوٺ ويندس. وري ڪانيون ڪري هيڏانهن ايندس"، هو ٿڪل آواز ۾ ٻڌائي ٿو. "چڱو

سائين، الله واهي“.

اهو ڄڻي هو اُن جي مهار ڇڪيندو شاهه حسن ڏانهن وجي ٿو. اسين سڀئي ماٺ آهيون. اسان کي جوڻ لاءِ، ڪي به لفظ نه ٿا سجهن. اسين هڪ ٻئي کان نظرون لڪائيندا ماٺ ڪيو پيا هلون. هرڪو پنهنجي منهن پيو سوچي. آئون ان ڪيفيت مان پاڻ ڇڏائڻ خاطر هيٺ جابلو پٽ ۾ نهار ڪريان ٿو. ڪسراني پٿر ۽ پٿريون نظر اچن ٿيون. طرح طرح جون. آئون اهي پٿر ۽ پٿريون چونڊيندو ڪيسي ۾ وجهندو ٿو وڃان. اهي پٿر ۽ پٿريون فاسلز آهن. پٿر ٿي ويل شيون. لکين سال پراڻيون شيون، سپون، ڪٽڪ جي داڻن جا مڃا، نهه ۽ نوڙ جا مڃا. آئون اهي فاسلز، سنڌو ماٿر جي قدامت جا اهڃاڻ ڏاڍي پيار ۽ پابوهه سان ڏسان ٿو ۽ پنهنجي سائين کي ڏيکاريان ٿو ۽ پوءِ اهي حيدرآباد کڻي اچان ٿو.

هالار جبل جي ڪنڌيءَ پاسي تان مليل اهي پٿر ۽ پٿريون ڪيتري ڪيتري وقت تائين مون وٽ محفوظ رکيون آهن. پوءِ هڪڙي ڏينهن خيال اچي ٿو ته انهن مان، ڪن ننڍڙين پٿرين مان ڪف لنڪس ٺهرايان. آئون ڪي ننڍڙيون پٿريون هڪڙي وينجهار وٽ کڻي وڃان ٿو. وينجهار انهن کي غور سان ڏسي ٿو ۽ وري سوال واري نظر مون ڏانهن کڻي ٿو. آئون هن کي چوان ٿو: ”انهن مان ڪف لنڪس ٺاهي ڏي“. وينجهار مرڪي پٿريون مون کي موٽائيندي چوي ٿو، ”هنن کي جيڪڏهن گهڙيندس ته اهي ڀڃي پري پونديون“.

آئون دل ئي دل ۾ شاهه لطيف جي اها مصرعه جهونگاريندو گهر موٽي اچان ٿو:

’وياسي وينجهار، هيرو لعل وٽڻين جي‘.

پوءِ ٿئي انين ٿو ته اهي فاسلز، اهي پٿرايل شيون مون وٽان غائب ٿي وڃن ٿيون. ڪيڏانهن ويون ڪا به خبر نه ٿي پوي. هاڻي مون وٽ رڳو هڪڙي ياد آهي، جيڪا رکي رکي ڪنهن وقت مون کي اچي ٿي ۽ اهي پٿر ۽ پٿريون اکين اڳيان تريو اچن.

شيون ڪيئن ٿيون اوچتو هٿ اچن ۽ ڪيئن ٿيون اوچتو ئي اوچتو غائب ٿي وڃن! اهو هڪ اهڙو معمو آهي جهڙي زندگي! هر جيو جنتو، هر ساهوارو وجود ۾ اچي ٿو ۽ اوچتو ئي اوچتو عدم وجود ۾ الوپ ٿيو وڃي. شين جو به شايد اهوئي مقدر هوندو آهي.

آئون ’دي روڊ ٽو مڪه‘ جو پهريون باب پڙهڻ شروع ڪريان ٿو. عنوان ان باب جو آهي، ’هڪ آڪاشيءَ جي آڪاشي‘

ان باب جي شروعات هينئين لفظن سان ٿئي ٿي.

”هن ڪتاب ۾ آئون اوهان کي جيڪا آڪاشي ٻڌائڻ وارو آهيان....“

پوانني پٽ اُڪري پار پئي ته، ادل جي مُک تي مون کي اُهاني خوشيءَ نظر آئي. جيڪا سندس شاديءَ واري ڏينهن چهري تي ڏٺي هئي مانس. اِن پوانتي ۽ اُوجي پٽ کان اڳ ننون ڪوٽ کان مٺيءَ تائين ٽيهه ميل رستو پڪو. هموار ۽ ڪمفر ٽيبل هو. هڻ روڊ کي ڇڏي، باقي ٿر جا هزارين ڳوٺ وارياسن پيچرن ۽ 'واٽن' جي لِنڪ روڊن ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. يعني پڪو روڊ، بس اِهو هڪڙوئي آهي. الله. الله خير سلا... ۽ اِن ٽيهن ميلن جي رستي جي تعمير تي به، اعتبار ڪريو ته، سچا سارا چار سال لڳا. يعني سال ۾ ساڍا ست ميل رستو ٺهيو. ڏنم اِن سڪيلڏي روڊ تي ايس آر ٽي سيءَ ۽ ٻين ادارن جون پرائيويٽ بسون روانيءَ سان ڊوڙنديون پئي ويون. ننون ڪوٽ کان ۽ عمر ڪوٽ کان ٽري ڪيڪڙا به ڪڳهندا ڪڙڪندا ۽ ٻليءَ پير ڊوڙندا. مٺيءَ ڏانهن يا مٺيءَ کان عمرڪوٽ ڏانهن پنهنجي من پسند رفتار سان، جڻ هوا خوري ڪندا ٿي ويا.

سائينداد ڏانهن لکيل منهنجو پريم پتر به شايد ڪنهن 'ڇڪڙي' ۾ سوار ٿيو هو. اِن ڪري اسان جي مٺي پهچڻ کان صرف ڪجهه ڪلاڪ اڳ، هن کي اُن ڏينهن واري 'ڊاڪ' مان ئي مليو هو. مٺيءَ جي بس اسٽاپ وٽ لٿاسين ته، حيرت مان سائينداد. ڪڏهن منهنجي خط ۾ تي ڏٺو. ته ڪڏهن اسان جي چهرن ڏانهن. چيومانس سائينداد. جيترا جاڳندا پُهچي ويا آهيون ۽ صبح کان بکيا آهيون. ماني ڪارايو. بس اسٽاپ تي جان ڪٿي نظر ڦيرايان ته اسان جي آڌرياءَ لاءِ ٻلاول اوٺو. صادق فقير، ڪريم ڏنو فقير، بخشڻ مهراڻوي ۽ ٻيا ڪي چاتل. سچاتل چهرا ٻانهون ڏگهيريون بيٺا هئا. اسٽاپ لڳ جُهڳي نما هوٽل تي، بي اختيار بک مان ماني کائيندي، بس واري حڪيم جالينوس جو قول ڪيڏو نه با معنيٰ لڳو هو مون کي، جنهن چيو پئي ته: عزيزو، ٻارو. نوجوانو، پنهنجو ٻاڻ کي کارائڻ به وڏي عبادت آهي.

اسان جي لاحنگ بورڊنگ سائينداد ساندَ. گورنمنٽ ڪاليج مٺيءَ جي هاسٽل ۾ رکي هئي، جتي هو سنڌيءَ جو استاد هجڻ سان گڏوگڏ هاسٽل جو انچارج به هو. هاسٽل تي سامان رکي ٿورو آرام ڪري مٺيءَ جي رستن تي نڪري پياسين. ٻاهر ٿر جون ٿڌيون هوائون اسان جي سواگت لاءِ آئيون هيون ۽ چوڌاري فطرت جو حُسن پنهنجي اوين سرير سان، اسان جي اکين اڳيان هيو. مٺيءَ جي پُر رونق بازار ڏانهن ويندي، دوستن کي مان، پنهنجي ڏاڏي مرزا قليچ بيگ جو لکيل ۽ غالبُ سنڌي ٻوليءَ جو پهريون نثري نظم ٿو ٻڌايان:

منيءَ جي شهر ۾ مون کي ملي
هڪ زال-
هو جنهن ناءُ مٺي
هُئي سندس ذات مٺي
لات مِٺي بات مِٺي
وٺي اُت ٻانهن مستيءَ ۾
ڏٺي مانس جيئن تي چاهَ مان
سؤ وار مِٺي
چيومانس اي مِٺي
تون اهڙي مِٺي
جو مِٺي مصري به اهڙي ناهي مٺي
چيائين: چڏ مُنا قليچ چڏ

جنهن ۾ اندر موجود ڪوبہ ڪونهي. منهنجي ٻچ ٻچ ني ٻڌايانين: هيءَ مڙهي، چار سؤ سالن کان، اسان جي وڏن وٽ آهي. دل ۾ آيو پڇانس: چار سؤ سال اڳ ارهان جا وڏا ڪير هئا؟ ۾ ڪونہ پڇيومانس. پُڇي ڪريان بہ ڇا ها!... اهو تہ اندر اسند ني آهي تہ، هن نوجوان صحت مند متولي جا وڏا بہ ٿري ني هوندا- ٻيو ڪير هوندا- جي!

مڙهيءَ جي ياٽ ياترا مان وندا ٿياسين تہ، دوستن جي صلاح سان، مٺيءَ جي بازار ۾ موجود "ڪرشن مندر" جو درشن بہ لازمي پانيوسين. لوهي شيخن واري ڦاٽڪ اندر، پير جي گماني جانوَ ۾ هي مندر ڪنهن خوبصورت پڪچر پوسٽ ڪارڊ وانگر لڳي رهيو هو. ڀڳوان جي آرتيءَ کان پوءِ ڪرشن جي مُورتي اڳيان ڪي نوجوان ۽ ٻچڙا ڇوڙها، اڪيون پُوري، اڳيان پويان لُڏي لُڏي، "اوم جئہ جگديش هري" جو جاپ ڪرڻ لڳا. سڄي مندر ۾ لوبان ۽ اگربتين جي خوشبو جو واس موجود هو. مان بہ هنن دوستن سان پلٿي ماري جاپ ڪرڻ ۾ جُنبي ويس. اچانڪ اکيون کولي سامهون ڏٺم: گُرو نانڪ جي مورتي.مون ڏانهن يڪ ٽڪ گهوري رهي هئي. لڳم: آرسيءَ ۾ پيو ڏسان پنهنجو پاڻ کي. خبر ناهي گرونانڪ صاحب منهنجي لاءِ الائي ڇا سوچي رهيو هو، ۾ هُن بابت سوچيندي مون کي تہ ائين پئي ڀاسيو ڄڻ اسان ٻنهي جي وچ ۾ خاموش گفتگو ٿي رهي آهي. اهڙي گفتگو جنهن ۾ لفظ ۽ معنيٰ جو ڪوبہ عمل دخل ڪونہ هوندو آهي. لڳم: مان ۽ گرونانڪ هڪ ٻئي جي جهرن ڏانهن ڏسي ريليڪس پيا ٿيون. مندر مان نڪري ٻاهر آڱڻ مان آسمان ڏانهن نهار وڌم، سڄو آسمان سونهري ستارن سان جهرمر جهرڪي رهيو هو. مون بند چپن ۾ چيو: "ڀڳوان ڪٿي آهين تون"؟ منهنجو آواز پڙاڏجي موٽي آيو، ڀڳوان ڪٿي آهين تون؟ (۽ منهنجي چوڌاري ڄڻ آوازن جو مونجهارو ٿيندو ٿي ويو) ڀڳوان ڪٿي آهين تون؟

اچانڪ مون تي انڪشاف ٿيو تہ، هُو ڪٿي بہ ڪونهي، پنهنجي انهي سوچ تي مون آسمان ۾ ڪرڪيل روشن ستارن ڏانهن اکيون کٽي ڏٺو، ۽ چپن ۾ مُرڪي ڏنو.

رات آئي تہ اسين سڀ گول دائري ۾، مٺي ڪاليج جي هاسٽل جي هڪ روم ۾ فرشي نشت تي موجود هئاسين. ٿر جي موسيقيءَ جا جرڪندڙ ستارا، ڪير ڏارا ٻڌجي اسان جي آس پاس جرڪي رهيا هئا. ڪريم ڏنو فقير، صادق فقير، ڪالو فقير ۽ ٻچل فقير. سُومر رس، اسان جي اڳيان مٽيءَ جي پيالن ۾ ڀري رکيو ويو. سُومرس جا ڪيپ اکين تي چڙهيا تہ اچانڪ هارمونيم جي هياءَ ڦاڙ پارن ۽ ردم جي دِلُ ڏاريندڙ دانهنُ ني، منهنجي اکين جي اڳيان بکيو ڏکيو ٿرُ، سڀ غم الم ڪلهن تان ڇنڊي، سنارن جي پايل پائي ڄڻ جهومڻ لڳو. صادق فقير کان ڪالو فقير جي آواز تائين، هر گيت ڄڻ ٿر جي صدين جي پيڙا جو پڙلاءُ هو. جيڪو دل دماغ ۽ سرير کي آرپار ويو ٿي چيريندو. سڄو ڏينهن مٺيءَ جي بازارن ۾ رُلندي گهمندي، ٿرَ بابت دوستن جا ٻڌايل عجيب واقعا، سُومر رس جي ڏُک ڏُک سان منهنجي حافظي ۾ ويا پئي روشن ٿيندا. الائي ڪنهن ٻڌايو هئم تہ، ٿري، ٿر کي مختلف نالن سان سڏين. جن ۾ "مهراڻو، ڊاٽ، ڪنو، ڪانڊ، سامروٽي ۽ وٽ" جهڙا حصا شامل آهن، جن جي ڪُل ايراضي اٺ هزار چار سؤ چانوي چورس ميل آهي. انهن حصن کي ملائڻ لاءِ چار تعلقہ آهن. مٺي، ڇاڇرو، ننگر پارڪر ۽ ڏيپلو. بلاول ٻڌايم پئي: هي انساني آباديءَ تي ٻَڌل سنڌ جو اُهو طبعي ڀاڱو آهي. جنهن جي آبياريءَ جو سارو مدار رب پاڪ جي رضا ۽ بادل ديوتا جي ڇڻڪار تي آهي. ۸۵ع کان ۹۰ع تائين هڪ اڌ سال کي وچ ۾ ڇڏي، آسمان جي ڇاٽيءَ مان نالي ماتر بہ بُوند ڪانہ ڇَٽي آهي. پُنين ڪيترن ني سالن کان ٿر جا ڏهہ هزار ڪوهہَ وات پٽي پڪاريندا رهيا آهن: پاڻي پاڻي- پاڻي پاڻي. "سانيئداد" ٻڌايو پئي تہ، ٿر ۾ اناج جي پوک ورلي ٿئي. رڳو ڪِن ڪِن ٽُڪرن تي ٻاجهري جُوار ۽ گوار پوکجي. ها، پيروُن جام ٿين ۽ کي سگهڙ پيرُن مان گُڙ بہ واهہ جو ناهين. برسات کان پوءِ وري کُنبين جي بهار لڳيو وڃي. ڏونرا بہ جام ٿين، جن جو آچار نهايت سوادي ٿيندو آهي، هتي ڄيڙ ۽ مَتيرا بہ گهڻا ٿين. گدرا ۽ چانهيون بہ مند آهر

اختر درگاهي

# مائي غلام فاطمه "لال"

مائي غلام فاطمه "لال"، اتر سنڌ جي هڪ مشهور شاعره ٿي گذري آهي، جنهن جون پُرسوز ڪافيون اڄ به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مقبول آهن. سندس سمورو ڪلام هٿ اچي ڪونه سگهيو آهي ۽ نه ئي سنڌ جي هن باڪمال شاعره تي ڪو تحقيقي ڪم ٿي ٿيو آهي. سنڌي شاعريءَ جي اتهاس جا جيڪي به ڪتاب نظر مان گذرن ٿا، انهن مان ڪنهن هڪ اڌ ۾ سنڌ جي هن برک شاعره جو مختصر ۽ اڻپورو احوال ملي ٿو. اسان هن شاعره جي سوانح ۽ ڪلام بابت ڪجهه احوال هٿ ڪيو آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ڪتاب "تذڪره شعراءِ سکر" ۾ ان شاعره متعلق هينيون ذڪر ڪيو آهي:

"مائي غلام فاطمه موچاڻي، "لال"، ڳوٺ ڪتن تعلقي پنو عاقل جي ويٺل هئي ۽ حامد جي زال هئي. غالباً ٦٠ ورهين جي عمر ۾ ١٩٢٥ع تي وفات ڪيائين. شاعره هئي. مڙس جوانيءَ ۾ مري ويس، جنهنڪري سندس ڪلام ۾ سوز ۽ درد ۽ وڇوڙي جا ورلاپ ملن ٿا. ڪافيون ۽ بيت چيا اٿس. سندس ڪافيون ڪافيءَ جي ابتدائي نموني 'وائي' جي ٽيڪنڪ تي آهن." ميمڻ عبدالمجيد صاحب ان ڪتاب ۾ مائي صاحبه جي هڪ ڪافي پڻ ڏني آهي، محترم نعيم تقوي پنهنجي ڪتاب "سنڌي شاعريءَ جوسينگار" ۾ مائي غلام فاطمه متعلق ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد واري ذڪر کي جيئن جو تيئن پيش ڪيو آهي.

سنڌ جي مشهور اديب ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، لوڪ ادب جي سلسلي جي ڪتاب "ڪافيون - جلد ٢" ۾ مائي علام فاطمه جون ڇهه ڪافيون ڏنيون آهن ۽ ان متعلق مختصر لفظن ۾ هينيون ذڪر ڪيو اٿائين.

"مائي فاطمه ذيءِ لال موچي، پنهنجا ڪلام ۽ بيت جوڙيائين. (١٩٦٠ع) ۾ پنجويهه سال اڳ سٺ ورهين جي ڄمار ۾ گذاريائين."

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ساڳئي ئي ڪتاب ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ مائي غلام فاطمه جون ٽي ٻيون ڪافيون به ڏنيون آهن، پر بلوچ صاحب اهي ڪافيون "لال" نالي ڪنهن مرد شاعر ڏانهن منسوب ڪيون آهن، ۽ ان شاعر جو ڪو خاص احوال به ڪونه ڏنو آهي.

مائي غلام فاطمه 'لال' جو منهنجن وڏڙن سان اچڻ وڃڻ جو رستو هو. اُن متعلق جيڪو مختصر احوال ملي سگهيو آهي سو هتي پيش ڪريان ٿو:

مائي غلام فاطمه سنڌي ٻوليءَ جي هڪ نماڻي ۽ غمزده ڪافي گو شاعره ۽ رند فقيرياڻي ٿي گذري آهي. سندس جنم پنو عاقل تعلقي جي ڳوٺ "ڪتن" ۾ اٽڪل ١٨٦٠ع ڌاري ٿيو. پاڻ ذات جي موچاڻي هئي ۽ "لال" سندس پيءُ جو نالو هو. اهوئي نالو پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪندي هئي، جنهن سبب هوءَ "مائي فاطمه لال" ۽ "مائي فاطمه موچاڻي" جي نالن سان مشهور آهي. پاڻ هڪ شاعره کان سواءِ سباجهڙي لوڪ فنڪاره به هئي ۽ يڪتاري تي پنهنجو ۽ سنڌ جي ٻين صوفي شاعرن جو عارفاڻو ڪلام ڳائيندي هئي. سندس آواز پرسوز ۽ درد انگيز هو، جيڪو ڪٿي محفوظ ٿي ڪونه سگهيو آهي ۽ سنڌ جي هوائن ۾ گم ٿي ويو.

راقم الحروف جي ڏاڏي، سنڌ جي نامياري لوڪ ڪلاڪاره ۽ شاعره مائي بيگم فقيرياڻي (١٩١٥ع -

۱۹۸۷ع) ٻڌائيندي هئي ته ماني غلام فاطمه جو سندس نانيءَ (جنهن جو نالو پڻ ماني بيگم هو) سان وڏو انس ۽ پيار هو. اُها ماني بيگم، بچل ميربحر جي ڌيءَ هئي ۽ ميربحرن جي مياڻي روهڙيءَ ۾ رهندي هئي. ماني غلام فاطمه پنهنجي ڳوٺ 'ڪٽن' کان ڪڏهن ڪشالا ڪري ماني بيگم سان ملڻ لاءِ روهڙي ايندي هئي ۽ راتين جون راتيون ميربحرن جي ٻيڙين ۽ جهُڳين ۾ راڳ ويراڳ ڪندي هئي ۽ پنهنجا درديلا ڪلام آلاپيندي هئي:

"تنهنجي محبت وڏو آ ماميري، نه ته ڪير ڪشالا ڪري."

ماني غلام فاطمه ۽ ماني بيگم جي پاڻ ۾ اينتري ته پريت ٿي ويئي جو ڏينهن جا ڏينهن ماني غلام فاطمه روهڙيءَ ۾ رهي پيئي هوندي هئي ۽ ماني بيگم کي به پاڻ وٽ ڳوٺ 'ڪٽن' ۾ رهائيندي هئي. انهيءَ ڳالهه تي ماني بيگم جا وارث ڏاڍا ڪاوڙيا ۽ ٻنهي کي هڪٻئي ڏانهن اچڻ وڃڻ کان روڪڻ لڳا. جڏهن ماني بيگم جي مائٽن، ماني غلام فاطمه کي گهڻو رنجايو، تڏهن ماني غلام فاطمه کين چيو ته: "ابا، اوهان منهنجي اچڻ تي ۽ راڳ ويراڳ تي ناراض ٿا ٿيو. الله ڪندو ته اوهان منجهه به مون جهڙي هڪ فقيرياڻي پيدا ٿيندي، جيڪا سنڌ جي جهر جهنگ ۾ پنهنجو آواز آلاپي پنهنجن دردن جي دانهن ڪندي." ماني غلام فاطمه جي اها ڳالهه سچي ثابت ٿي جو سندس سِڪ واري ماني بيگم جي ڏوهٽي (جنهن جو نالو پڻ بيگم رکيو ويو) ماني بيگم فقيرياڻي جي نالي سان هڪ رند فقيرياڻي ۽ لوڪ فنڪاره ۽ شاعره جي روپ ۾ سڄي سنڌ ۾ مقبول بڻي، جنهن جو پرسوز آواز اڄ به سنڌ واسين جي دلين ۾ محفوظ آهي. اُها پهرين ماني بيگم ماني غلام فاطمه جي حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويئي، جنهن جو ماني غلام فاطمه کي سخت صدمو رسيو هو ۽ ان درد ۽ فراق ۾ هيٺيون ڪافيون آلاپڻ لڳندي هئي:

جي مـــــان جـــاڻان جَت ڪا جـــــاڙ ڪندو
مـــــان ســـيـجن تي چـــو سُـــمــــان ها!

-

درد لڳو آ دلبر جو، جيڪي آهي منهنجي جيءَ ۾.

راقم الحروف جي ڏاڏي ماني بيگم فقيرياڻي ٻڌائيندي هئي ته جڏهن سندس ماءُ پيءُ پنهنجي عاقل تعلقي جي رضا ڳوٺ ۾ رهندا هئا، تڏهن سندس ماءُ کيس ماني غلام فاطمه وٽ وٺي ويندي هئي. ماني غلام فاطمه اڪثر هن ننڍڙي ماني بيگم کي مٿي تي هٿ گهماڻي پيار ڪندي هئي ۽ دعائون ڪندي هئي. ماني غلام فاطمه آخري ڏينهن ۾ ڪافي بيمار رهڻ لڳي ۽ سن ۱۹۲۵ع ۾ وفات ڪري ويئي.

ماني غلام فاطمه لال جو ڪلام سندس حياتيءَ ۾ ئي مقبوليت ماڻي چڪو هو، جنهن جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو جو ۱۱-۱۹۱۰ع دوران ڪافين جي مختلف بياضن ۽ چيپل ڪافين جي چوپڙين ۾ سندس ڪلام ڏنو ويو آهي. ۽ سندس ڪافين کي سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره ماني بيگم فقيرياڻي پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڳائي جهر جهنگ ۾ وڌيڪ مقبول بڻايو.

ماني غلام فاطمه جون ڪافيون هڪ اهڙي عورت جي اندر جو اظهار آهن، جيڪا سخت پيڙائن مان گذري آهي. سندس شاعريءَ مان زندگيءَ جي عذاب ڏيندڙ ڪيفيتن جو چٽو عڪس نظر اچي ٿو. ماني غلام فاطمه ان دور جي شاعره آهي، جنهن دور ۾ شاعريءَ جو اهم موضوع "تصوف" رهيو آهي، جو ته سچل سرمست کان پوءِ سنڌ جي اڪثر شاعرن انهيءَ ئي موضوع تي شاعري ڪئي آهي، پر غلام فاطمه لال جي ڪافين ۾ سواءِ ڪنهن هڪ اڌ ڪلام جي، هن جي داخلي ڪيفيتن، درد، فراق ۽ وڇوڙي جو ورلاپ ملي ٿو. فني لحاظ کان ماني غلام فاطمه لال جون ڪافيون وائيءَ واري گهاڙيٽي تي آهن ته ڪٿي بيٺيون ۽ چوٽيون به ملن ٿيون. سندس ڪجهه ڪافيون ته پنهنجي

ڏرتيءَ سِر ڏڪاءَ ٿيو،
يڳو سانين بلخ بُخار،
خبر رسي وجي خراسان ۾.
ڏينهن ته جنگ خيبر جي،
ڪُٺانون ڪُل ڪُفار،
عرب، مڪي، ايران ۾.
عشق ڪٿي جنگ عقل هارائي،
جنگ ته ڪٿي جڏُونجهار،
لالُ چوي لامڪان ۾.

(۴)

ويندس يار مري، تنهنجي درد فراق ۾.
اني پهر اُباڻڪي چارني پهر چَري.
ڏور وجهي وٺين ڏک جي، ديولڻ ڪر نه ڍري.
تنهنجي سري وني سهڻل سانين، منهنجي ڪانه سَري.
لال موچيءَ مسڪين تان، لاهج پُل پَري.

(۵)

لاني ته نماٿيءَ سان نينهن،
دوست اٿين نه منهن مٺجي.
مون ڪان پاليو نا ٿني،
شوق اوهان جي جو شينهن
ماسُ هڏن تان ٿو ڪپجي.
هتان حيدر شاهه جي،
اچي پيالو پيءُ،
گھُور پرين ڏانهن نه گهٽجي.
اگڻ آسروندي جي،
ڪري پلايون اچي بيهه،
لال اٿين نه دل لٿجي.

(٦)

ڏس هيٺيءَ جو حال، پُنهل نجانءِ پاڻ سان.
ساهه توتان صدقي ڪيان، مايا مڏيون سڀ مال.
وٺيون وڃ نماٿي پاڻ سان، ڪري پلايون پال.
موچاٿيءَ سان مهر ٿي، لاشڪ پُرتس لال.

(۷)

سور ڏني نه مونکي ساڙ،
ماري چڏ ته مري وڃان.

لاهي ماسُ لڱن تان،
وڃي ڪاڙهي منجهه ڪاڙهه.
ماري ڇڏ تہ مري وڃان.

ڦاهي چاڙهه ڦٽيل ڪي،
وڃي سُوريءَ تي چاڙهه.
ماري ڇڏ تہ مري وڃان.

لالُ چوي هيڪر اچي،
قول پرين اچي پاڙهه.
ماري ڇڏ تہ مري وڃان.

(٨)

محبت منجهہ مَري، آئي آ عشق جي اَري،
انگ تہ منهنجو آريءَ سان پر لڪيو ڪين ٽَري.
ڪيڏا ڪشالا ڪاف جا پِني ڪامڻ ڪوهہ ڪري،
ڪاهي ويندي ڪيچ ڏي جيڪا ماري ذوق ذري.
آئي عشق جي اَري.

دُعا ڪريو ڙي جيڏيون، منهنجو وارث وَرُ وري،
هنہ هنہ خان پُنهل لئہ، منهنجي ساعت ڪانہ سَري،
آئي عشق جي اَري.

لالُ چوي هن عشق جي ٿي اندر آڳ بَري،
ڪڏهن اُجهامي ڪينڪي جيڪا اندر ٿي پجري،
آئي عشق جي اَري.



ڪيم. الاني ڪهڙي قسم جون دعائون داناء راز سيد حسام الدين شاه کي ڏنم. هو بہ آخر سمجهي ويو تہ اڄ مڙس مزن ۾ آهي چوڻ لڳو تہ: "اڄا مجبندو نہ آهين زوري تو کان دعوت وٺي تو کي خوش ڪيم." مان چيو: "داناءِ راز" جو خطاب مفت ۾ تہ ڪونہ ڏنو اٿم". ٻي ڏينهن شام جو سندن ڪراچي جي روانگي جو پروگرام هو. مان بہ چار ڪلاڪ اڳ ۾ اچي موجود ٿيس. منسٽري آف انفرميشن جو يوپي جو هڪ عملدار بہ ساڻس هو. حسام الدين شاه جي انتظار ۽ حڪم سان ني مان ۽ علي محمد شاه هڪ ني موٽر ۾ سوار ٿياسين.

هوائي اڏي تي پاڪر پاني موڪلايوسين. حسام الدين شاه چيو تہ: "دعا ڪجو تہ خير سان پهچون" هي اندر ويا ۽ مان ان آفيسر کي چيو تہ: "ٻي پاسي هلي ٻيهون جيسائين جهاز نہ هلي اتي ٻيٺا رهون". اها خبر پير علي محمد شاه، حسام الدين شاه، عاشق حسين کي ڪانہ ڏني سين تہ ڪو اسان انتظار بہ ڪنداسين. آخر جاتي بيٺاسين اتي ڦدري اونده هئي ٿوري دير کان بعد جهاز وارا جهاز طرف روانہ ٿيڻ لڳا. اهو آفيسر آڱر جي اشاري سان مان کي ڏيکاريندو رهيو تہ هي علي محمد شاه آهي هو حسام الدين آهي هو عاشق حسين.

هي قافلو سنڌ طرف اڏامي رهيو هو، مان پنڊي ۾ بيٺو هوس. دفعتاً دريا ۾ اڇل آئي دل پرجي آئي ڳوڙهن ٽمڻ شروع ڪيو، وڏ ڦڙو مينهن شروع ٿي ويو. سنڌ منهنجي جسم و روح طرف هي قافلو اڏامي رهيو هو ۽ منهنجو اضطراب حد کي پهچي چڪو هو، مان آهستگي سان چيو تہ مان ٿڪي پيو آهيان پرسان بينچ تي ويهي رهيس ۽ زار و قطار سڏڪا روڪيندي ڳرہ ڪندو رهيس.

علي محمد شاه بظاهر تہ عقل فروشي جو ماهر آهي پر سندس دل ايماني جذبات سان لبريز ۽ موم مثل آهي جي هو ان وقت منهنجي هي ڪيفيت ڏسي ها يا محسوس ڪري ها تہ رڙڪري چوي ها تہ: "عاشق، اڄ نہ هلنداسين. هن کي يعني مان کي هن طرف تڙپندو ڏسي مان هلي نہ سگهندس. ڪهڙي خبر تہ اسان ٿي ڳڏجي سنڌ جي عظمت جي ياد ۾ ڳوڙهن جو سيلاب وهايون ها.

آخر جهاز روانو ٿيو، مان نيم جان پندرهن ويهہ منٽ اتي ويٺو رهيس، ان آفيسر جي سڏ تي اٿيس ۽ پنڊي طرف روانہ ٿياسين. رستي ۾ اهو آفيسر چوڻ لڳو تہ: "هن کان وڏيڪ اعزاز ٻيو ڪهڙو جو مان پير علي محمد شاه کي الوداع ڪريان. ڊپٽي ڪمشنر يا ڪمشنر هجان ها تہ ههڙو موقعو ڪيئن نصيب ٿئي ها."

خبر نہ تہ هن منهنجي بي تابي محسوس ڪئي يا خود منهنجي اضطراب کي ڏسي ورتو.

هوٽيل ۾ پهتس تہ دل چيو تہ سنڌ ۾ عشق ومحبت جو جيڪو بي ڪنار سمنڊ موجزن آهي، ان جي هڪ لهر هي بہ هئي.

موجود مختلف پڙهڻيون بہ ڏنيون ويون آهن. هر هڪ بيت ۽ وائي جي سمجهاڻي ۽ اُن ۾ ڪم آيل خاص لفظن جي لفظي معنيٰ بہ ڏني ويني آهي. هن جلد جي قيمت ۰ ۳۵ روپيہ آهي. جيڪا ڪجھ وڌيڪ لڳي ٿي.

واضح رهي تہ هن رٿا موجب يعني شاھ جي ڪلام جو معياري ۽ مستند متن ڏهن جلدن تي مشتمل آهي. توهڪري اُميد ٿي ڪجي تہ انهيءَ رٿا جا بقايا ځلد بہ جلد کان جلد تيار ٿي اشاعت پذير ٿيندا ۽ محققن ۽ مؤرخن لاءِ شاھ جي ڪلام کي پرکڻ ۽ سمجهڻ لاءِ مشعل راھ جو ڪم ڏيندا. ڇاڪاڻ تہ اهو معياري ۽ مستند متن سڀ کان وڌيڪ محققن ۽ مؤرخن لاءِ ڪارائتو ۽ ڪارآمد آهي. انهيءَ معياري ۽ مستند متن جي شايع ٿيڻ ۽ پڙهڻ سان شاھ تي تحقيق ڪندڙن کي ٻين قلمي ۽ ڇاپي نسخن جي ڏسڻ جي ضرورت نہ پوندي. ڇاڪاڻ تہ شاھ جي ڪلام جي قلمي ۽ ڇاپي سڀني نسخن تائين رسائي حاصل ڪرڻ هر ڪنهن محقق ۽ مؤرخ جي وس ۾ نہ آهي.

آخر ۾ هڪ ڳالھ وس وارن جي ڌيان تي آڻجي ٿي تہ جڏهن شاھ جي ڪلام جي مستند ۽ معياري متن واري رٿا پايہ تڪميل تي پهچي تہ اُن کان پوءِ انهيءَ سلسلي جي هڪ ٻي رٿا شروع ڪجي. جنهن مطابق شاھ جي ڪلام جا قديم ۽ ناياب قلمي نسخا ۽ ناياب ڇاپي نسخا اصل صورت خطي ۾ يعني فوٽو جي صورت ۾، ۽ اُن بعد اُهي سڀ جديد صورت خطي ۾ (سواءِ انهن جي جيڪي جديد صورت خطي ۾ آهن) پڻ شايع ڪرڻ گهرجن.

شاھ جي ڪلام جا اهڙا ناياب، قديم ۽ قيمتي قلمي نسخا، جيڪي سنڌ جي ٻاهر ٻين ملڪن جي لئبررين جي زينت بڻيل آهن. جهڙوڪ، برٽش ميوزم لنڊن، انڊيا آفيس لئبرري، لنڊن ۽ ملي ڪتب خانو تهران 'ايران' وغيره، سي سڀ هٿ ڪري اصل صورت خطي يعني عڪس جي صورت ۾ ۽ جديد صورتخطي ۾ اوليت جي بنياد تي شايع ڪيا وڃن تہ جيئن شاھ جو هر شيدائي انهن قيمتي نسخن کي اکين سان ڏسي ۽ مستفيض ٿئي. ڇاڪاڻ تہ هرڪنهن ماڻهوءَ جي وس جي ڳالھ نہ آهي، جو هو لنڊن يا ايران وڃي انهن نسخن کي ڏسي سگهن. ٻيو تہ اهي قيمتي ۽ ناياب قلمي شهپارا اشاعت پذير ٿي هميشہ جي لاءِ محفوظ ٿي ويندا ۽ ملڪ جي ڪيترن ئي ڪتب خانن جي زينت بڻبا، جتان هر هڪ ماڻهو انهن مان فائدو حاصل ڪري سگهندو ۽ اهي قيمتي شهپارا زماني جي دستبرد کان بچي ويندا.

"شاھ جو رسالو" (جلد ڇهون) علامہ آءِ. آءِ. قاضي چيئر سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس حيدرآباد وٽان ملي سگهي ٿو ۽ پڻ سنڌي ادبي بورڊ جي بُڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد تي دستياب آهي، جو هٿو هٿ خريد ڪري سگهجي ٿو.

---

# سنڌي ادب

سيد حسام الدين راشدي ويهين صديءَ جو وڏو اسڪالر هو. سندن علمي، اَدبي ۽ تحقيقي خدمتون سنڌي، اردو ۽ فارسي ادب تي مشتمل آهن. جن جو زياده ترموضوع "سنڌ جي تاريخ" رهيو آهي. پاڻ نئين ۽ جديد انداز ۾ سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪيائون. سندن تصنيفات تاريخ جو املھ سرمايو آهن.

قيام پاڪستان کان پوءِ راشدي صاحب تحقيق ۽ تاليف جو جيڪو ڪم ڪيو، اهو مثالي حيثيت رکي ٿو. پاڻ تحقيق سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ کي بہ پنهنجو موضوع بڻايائون. اهوئي سبب آهي جو راشدي صاحب "سنڌي ادب" نالي ڪتاب اردو ۾ لکي هڪ طرف غير سنڌي حلقن کي سنڌي ادب سان روشناس ڪرايو تہ ٻئي طرف سنڌي ادب جي تاريخ ترتيب سان نروار ٿي سامهون آئي.

"سنڌي ادب" ڪتاب اردو ۾ پهريون ڀيرو ۱۹۵۲ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب جي اهميت هن دؤر ۾ بہ ساڳي آهي. جو تہ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ اُن کي بنيادي حيثيت حاصل آهي، جنهن کي بعد جي محققن ۽ تاريخدانن خاص

اهميت ڏني آهي ۽ اردودان طبقي پڻ هن ڪتاب مان استفادو حاصل ڪيو. هن ڪتاب جي اهميت اها بہ آهي تہ هي ڪتاب روسي زبان ۾ پڻ شايع ٿيو آهي. جيڪو مس ييگوروا رنيسا ترجمو ڪري، "انسٽيٽيوٽ آف دي پيپلس آف ايشيا. دي سائنس اڪيڊمي آف دي يو. ايس. ايس. آر. ماسڪو" پاران ڇپايو ويو.

جيئن تہ اهو ڪتاب اردو ۾ لکيل هو. تنهنڪري ضرورت محسوس ڪندي، نوجوان محقق ۽ تاريخدان غلام محمد لاکي ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پهريون ڀيرو "گرامي پبليڪيشن دولت پور صفن" پاران ١٩٨١ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. جنهن کي ادبي دنيا ۾ سٺي پذيرائي ملي. انهيءَ ڪتاب ۾ لاکي صاحب، مترجم جي حيثيت سان تفصيلي مقدمو بہ لکيو. جنهن ۾ ورهاڱي کان وٺي ١٩٨٠ع تائين سنڌي ادب جي اوسر جو جائزو ورتل هو. ڪافي عرصي کان 'سنڌي ادب' جو اهو سنڌي ايڊيشن اڻلڀ هو. تازو "سنڌ تحقيقي بورڊ" حيدرآباد پاران، ان جو نئون ايڊيشن "سنڌي ادب" (مختصرجائزو) عنوان سان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، جنهن ۾ ڪتاب جي پهرين سنڌي ايڊيشن واري مترجم جي طويل مقدمي کي خارج ڪري نئون مقدمو درج ڪيو ويو آهي، جيڪو زياده تہ ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت کان علاوه اڳاٽي ۽ موجوده دور جي جيبيل سنڌي ادبي تاريخن جي جائزي تي مشتمل آهي. سيد حسام الدين راشدي جو هيءُ ڪتاب، جنهن کي غلام محمد لاکي صاحب ڏاڍي محنت سان ترجمو ڪيو آهي، ان ۾ متن جي صحت جو خاص خيال ڪيو ويو آهي، ان سان ڪتاب جي معيار ۾ واڌارو ٿيو آهي. هونئن بہ لاکو صاحب، راشدي صاحب جو عقيدتمند ۽ پيارو شاگرد رهيو آهي. سندس لکڻين مان پڻ راشدي صاحب جي تحقيقي انداز جي خوشبوءِ ايندي آهي. ڪيس پير صاحب جي ڇڏيل علمي اثاثي کي ڇپائڻ جو گهڻو اونو رهندو ٿو اچي. ان سلسلي ۾ هُن راشدي صاحب جي ڇپيل مقالن کي سهيڙي "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون" نالي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپايو آهي. جڏهن تہ پير صاحب جي اردو مقالن کي پڻ ڪتابي صورت ڏني رهيو آهي.

"سنڌي ادب" جو هي نئون ڇاپو مقدمي، سائيز ۽ ڇپائيءَ جي لحاظ کان بلڪل نئون آهي، جنهن ۾ پبلشر پاران ناز سنائيءَ جا بہ اکر ۽ مترجم جو نوٽ بہ ڏنل آهي. ڪتاب ٩٦ صفحن تي اٺن بابن ۾ ورهايل آهي. پهريون باب 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' آهي، جنهن ۾ 'سنڌ جي قدامت' سان گڏ 'سنڌ جو قديم ٻوليون' ۽ 'سنڌي زبان تي ٻين ٻولين جو اثر' عنوانن تي مختصر روشني وڌي وئي آهي. ٻيو باب 'سنڌي ٻوليءَ جو ادب' جي عنوان سان آهي. ان ۾ عربن، سومرن ۽ سمن جي دؤر ۾ سنڌي ادب جي ٿيل اوسر جو جائزو ورتل آهي.ٽيون باب 'ارغون، ترخان ۽ مغل دؤر جو ادب' جي سري سان آهي. چوٿون باب 'ڪلهوڙن جي دؤر جو سنڌي ادب' جي نالي سان آهي، جيڪو انهيءَ دؤر جي سنڌي ادب جي ترقيءَ جو تفصيلي اڀياس پيش ڪري ٿو. پنجون باب 'ٽالپوري دور جو سنڌي ادب' آهي. هن عنوان ۾ پڻ مختصراً جائزو ڏنل آهي. ڇهون باب، 'برطانوي دور جو ادب' جي سري سان آهي، جنهن ۾انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي ادب جي اوسر جو مختصر مگرجامع جائزو پيش ڪيو ويو آهي. هن ۾ سنڌي ليکڪن سان گڏ انهن انگريز ليکڪن جي ادبي خدمتن کي بہ شامل ڪيو ويو آهي،جن سنڌي ٻولي، ادب ۽ تاريخ تي ڪم ڪيو ۽ پنهنجا شاهڪار ڪتاب، سنڌي ادب کي ڏنا. ستون باب 'موجوده پاڪستاني دور' جي عنوان سان آهي، جنهن ۾ پاڪستان جي نهڻ کان وٺي هن ڪتاب جي لکجڻ تائين ڇهن - پنجن سالن جو ادبي جائزو ڏنل آهي. جو تہ پير صاحب هيءُ ڪتاب ١٩٥٢ع ۾ لکيو هو. ڪتاب جو آخري اٺون باب 'سنڌي شاعري جون صنفون' آهي، جنهن ۾ سنڌي شاعريءَ جي قديم صنفن جهڙوڪ، ڏوهيڙو، وائي، ڪافي، مداح، مولود ۽ مناجات تي مختصر روشني وڌل آهي. ڪتاب ۾ مترجم پاران مناسب هنڌن تي وضاحتي نوٽ بہ لڳايا ويا آهن. خوبصورت سرورق سان سجيل هن ڪتاب مان ادبي حلقا ۽ شاگرد سٺو لاڀ حاصل ڪري سگهندا. - **امام راشدي**

محمود مغل

# هر سُر اُداس هوندو

## (استاد فيروز گل جي وفات تي)



الائي ڪيتري دير ٿي آهي.

براڊ ڪاسٽنگ هائوس جي اسٽوڊيو نمبر ۱ جي وسيع هال ۾، وڇايل غاليچي مٿان رکيل سازن ۾ مان آءُ، ڪيترائي سازَ لباس جي گهيري اندر قيد آهن ۽ جي بنا ڪنهن پردي جي ڪا شيءِ موجود آهي ته اهو آهي هارمونيم.. مون ڪي الاءِ ڇو هارمونيم جو ڪنڌ جهڪيل ٿو لڳي. شايد سندس ڪُنجين تي ڦرندڙ مستعد آڱرين جي وڇوڙي جو ويراڳ ڪيس مضطرب ڪري ويو آهي... نه... شايد نه... يقيناً....

انهيءَ هارمونيم ڪي ئي پاڻ ڏانهن سيريندي، ڪابي هٿ سان وسيع نراڙ مٿان سنڌي ٽوپيءَ ڪي برابر ڪندي. استاد، مون ڏانهن مرڪي نهاريو هو.

"ڪمال ڏنون" سوچيون آهن مون مغل صاحب... اصل ٻڌندؤ ته طبعيت خوش ٿي ويندوءِ.."

۽ مان، ازل کان سُرن جو عاشق، سندس پيرن کان، منهن آڏو تجسس ڀريل نگاهن سان منتظر...

"بسم الله استاد..."

۽ پوءِ ساڳيو هارمونيم، سندس ڇُهاءَ سان ٻهڪي پوندو هو...

"هي سائين... فلمر سوجي ٿئون ۽ مارني مليرَ جو، ... انهيءَ جون ڪجهه ڌنون آهن... ڪوشش ته اهائي آهي ته سڀ وڏا فنڪار ڳائن... يوسف آهي... نورجهان آهي... بهرحال... ڌُن ٻڌو..."

۽ پوءِ اهو ٿڌو آواز هوائن ۾ وکري ويو...

"ساريو... ساريو... ساريو

او سائينءَ کي سنياريو...

تون مولا پيارا مينهن وساءِ

اُتر ڪان ڪڪريون

وري اُجي وريون

تون مولا پيارا مينهن وساءِ....

مينهن وساءِ... مينهن وساءِ... مينهن وساءِ..."

ڪابي هٿ جي ڀاڄ ۾ ڀريل مُندي، هارمونيم جي پُٺ کي طبلي جيان ٺپي رهي هئي.

اهو نپڪو رڳو هارمونيم تي ئي نه هو...

استاد فيروز گل جي نرم ڇهاءُ، مهربان مرڪ، ۽ ٿڌو سپاءُ هر هڪ لاءِ ڪليل ٻانهن سان منتظر هوندو هو. طبيعت ۾ سادگيءَ جو اهو وهڪرو هئس جو لڳندو ئي نه هئو ته اهو نرم ونازڪ وجود، اينرين اهم، خوبصورت ۽ ڀرپور ڌُنن جو سرجيندڙ هوندو...

"ڪمال هٿ آهي هن جو. هارمونيم تي ائين سندس آڱر جرڪندي آهي جيئن ڪنهن خوبصورت عورت جي هٿن تي مينديءَ جا ڇٽَ هجن.

"فيروز گل موسيقار ڪان وڌيڪ هڪ ڀرپور هارمونيم پليئر آهي" . رحيم بخش شيخ جي پٽَ فيروز شيخ لاءِ، سندس هڪ همعصر موسيقار باوجود مخاصمت رکڻ جي اها راءِ ڏني هئي. ۽ جو نه ڏني ها... پسنديدگي ته اڻ وڻندڙ جي به ٿي سگهي ٿي... پوءِ سندس ڪا هڪ نئڙي ادا ئي جو نه وڻي وڃي...

۽ واقعي به ائين ئي هو. ڪنهن به ڪمپوزيشن ۾ جڏهن هارمونيم، يا انهيءَ جي طرز تي قائم ڪو به جديد ساز پنهنجي مڙني خوبين سان هڪدم متحرڪ ٿي وڃي ته اکيون بند ڪري به ٻڌندڙ اهو چئي سگهي ٿو ته اهو فيروز گل جو هٿ آهي.

هٿن ۾ هٿ ڏيندي، اسٽوڊيوز کان ٻاهر ايندي، منهنجي منهن ۾ مرڪي ڏٺو هئائين.

"مون کي پڪ نه هئي ته ڪو منهنجي رڪارڊنگ ٿي ويندي..."

"ڇو؟" مون کي جڻ ڪنن تي اعتبار نه پئي آيو.

۽ موٽ ۾ اها، ڀرپور مرڪ ۽ ڪنڌ جو جهڪاءُ...

"ائين ٿيندو آهي مغل صاحب... منهنجا الاءِ ڪيترا ڪم ائين رهجي ويندا آهن..."

الاءِ ڇو مون به ائين ئي محسوس ڪيو هو. ٽيليويزن جي پروگرام "اڄ جي مهمان" لاءِ جڏهن سندس چونڊ ٿي هئي ته هڪ هفتي رڪارڊنگ ٿي نه سگهي، ڇاڪاڻ ته شهر جا حالات صحيح نه هئا. ٻئي دفعي سندس طبعيت ٺيڪ نه هئي ۽ ٽئين دفعي ته ماڳهين پروگرام جو انگ مڪمل ٿيڻ ڪري وڌيڪ انٽرويوز ممڪن نه هئا، پر پوءِ اضافي وقت جي ڪري سندس انٽرويو رڪارڊ ٿي ويو هو.. هوڏانهن ريڊيو تي به جڏهن سندس پروگرام ڪندو هوس ته فون ڪندو هومانس:

مهتاب علي شاهہ

# جادو لائي ويم جيءَ ۾

١٩٥٠ع جي ڏهاڪي ۾ جڏهن ٻالڪ هوندو هئس تہ دادوءَ جي امام بارگاهہ ۾ مجلس شروع ٿيڻ کان اڳ زوار محمد صالح منگي، مستري عبدالڪريم رازو، محمد صالح ساند ۽ سچل فقير جتوئي ڪچهري ڪندا هئا. انهن جي گفتگوتمام گهڻي دلچسپ هوندي هئي، جنهن ڪري غورسان ٻڌندو هئس، ٻين ڳالهين سان گڏ هو صاحب راڳ تي تبصرو ڪندي چوندا هئا تہ: "خانصاحب ٻيبي خان ۽ الهہ ڏني نوناري جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سنڌ ۾ سندن جاءِ "منظور" ئي پري سگهي ٿو." زوار صالح ٻڌائيندوهو تہ: "منظور علي خان هڪ دفعي راڳ جي زور تي روشني جو گولو ٺاهي بيهاريو هو". منهنجي ننڍڙي ذهن ۾ سوال اڀرندو هو تہ: "منظور علي خان شايد ڪنهن جادوگر جو نالو آهي، جيڪوجادوءَ جي قوت سان مينهن بہ وسائي سگهي ٿو، تہ روشني بہ پيدا ڪري سگهي ٿو، ان وقت مون کي ان جادوگر کي ڏسڻ جو شوق پيدا ٿيو.

١٩٦٠ع واري ڏهاڪي ۾ دادو ڪاليج جڙي راس ٿيو، ڪاليج ڇا هو شهر ۾ علم و ادب ۽ سياسي شعور جو مرڪز هو، هر سال ١٤ آگسٽ تي ڊگري ڪاليج دادو ۾ يوم پاڪستان ملهايو ويندو هو.

ان موقعي تي ٻين تقريبن سان گڏ راڳ رنگ جي محفل بہ ٿيندي هئي، جنتي ڪئين راڳي ايندا هئا. انهن ۾ استاد منظور علي خان بہ شريڪ ٿي پنهنجي فن جا جوهرڏيکاريندا هئا.

١٩٦٦ع کان ١٩٧٠ع تائين ڊگري ڪاليج دادو ۾ پڙهيم ۽ هر سال ١٤ آگسٽ تي استاد منظور علي خان جي راڳ مان لطف اندوز ٿيندو رهيس، استاد منظور جي آواز ۾ لطيف سرڪار جو ڪلام "آءُ ڪو  ڇاڻان پنڌ ڪيچ جو" ٻڌڻ ۾ ڏاڍو سرور ايندو هو ۽ ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ خانصاحب سسئي جي سفر جو اکين ڏٺو احوال لطيف سرڪارجي زباني پيش ڪري رهيا هجن.

١٩٧١ع ۾ ڪاليج جي تعليم مڪمل ڪري سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا ورتم، ١٩٧٢ع کان شاگرد يونين تان پابندي هٽائي وئي، يونين ساليانو فنڪشن منعقد ڪرائيندي هئي، جيڪو ٽي ڏينهن هلندو هو، ان تہ روزه  فنڪشن ۾ ٻين ناميارن فنڪارن سان گڏ استاد منظور علي خان بہ شرڪت ڪندا هئا.

١٩٧٣ع ۾ جڏهن يونيورسٽي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيس تہ مون کي رهڻ لاءِ ڪواٽر مليو.

١٩٧٣ع کان ١٩٧٦ع تائين "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ" سنڌيونيورسٽي جا وائيس چانسلر هئا، ڊاڪٽر صاحب علم و ادب سان گڏوگڏ موسيقي جا بہ وڏا ڄاڻو آهن، ان ڪري منظور علي خان سان ڏاڍو پيار هئن.

انهيءَ زماني۾ مان ۽ منهنجو دوست "زين العابدين چانڊيو" ، (زين پائي) بس ۾ ڪراچي کان ڄامشوري واپس اچي رهيا هئاسين،ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي اسٽيشن پرسان خانصاحب ۽ سندن ننڍو ڀاءُ وزير علي خان بہ بس ۾ سوار ٿيو.. پر واري سيٽ تي روزنامہ مهراڻ جو ايڊيٽر مرحوم "سيد سردار علي شاه"ہ بہ ويٺل هئو، خانصاحب ۽ شاهہ صاحب ڪچهري ڪرڻ لڳا ، ڪچهري دوران سنڌي موسيقي تي بہ ڳالهائڻ لڳا.

مون  اتي همت ڪري خانصاحب سان پهريون دفعو ڳالهايو، جنهن جي موٽ خانصاحب دوستاڻي ۽ ٻاجهاري انداز ۾ ڏني.

ڪجهہ وقت کان پوءِ شاگرد يونين جو جلسو ٻيهر منعقد ٿيو، تہ خانصاحب کي رهڻ لاءِ پنهنجو گهر آڇيم ۽

جان جان هُئي جيئرِي، ورِچي نه وينِي

(لطيف)



استاد منظور علي خان

ولادت

١٩٣٠ع

وفات

٩- سيپٽمبر ١٩٨٠ع

"مسرور" ڪهڙو ڪريان، هي حال ڏکن جو مان،
پينن پوري هيءَ تان، سورن لئہ سامائي...



فقير غلام علي "مسرور"

Quarterly Mehran Regd. No. NS-20

KALHORA RULE IN SINDH
SEMINAR 96



"سنڌ ۾ ڪلهوڙا دور حڪومت" بين الاقوامي سيمينار جي موقعي تي، سنڌ جي ٻن جڳ مشهور عالمن مرحوم پير حسام الدين راشدي ۽ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لاءِ "ويهين صدي اسڪالر اوارڊس" جو اعلان ڪيو ويو. ان موقعي تي پير صاحب جو پوٽو، علي رضا شاهه راشدي، سنڌ جي وڏي وزير جناب سيد عبدالله شاهه صاحب کان، پير صاحب مرحوم جو اوارڊ وٺي رهيو آهي. سيمينار جو سرپرست جناب سعيد احمد صديقي ۽ جنرل سيڪريٽري جناب يعقوب علي زرداري ساڻن گڏ آهن. - (ڪراچي: ١٦-سيپٽمبر ١٩٩٦ع)